سنڌي ادب جي جوت سدائين روشن تجليدار رهي

ضيا



شري پرسرام ضيا صاحب

ZIA QUARTERLY SINDHI MAGAZINE

انڪ ١٦-٢٣/ ١٧-٢٤ ٽماهي ادبي رسالو اپريل-سيپٽمبر ٢٠٠٥

’شرڌانجلي‘

- ڏيپچند سئلاني (ڪٽني)

گيان گٽن گلدستو هو جيئن سمنڊ اونهو آ اَپار،
ماتا، پتا، گرو، سنتن لاءِ آدر سچو هوس اَپار.

سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت لاءِ رات ڏينهن هو بيقرار،
ساوڏان سنڌين کي ڪيو : رکو ايڪو، الفت ۽ پيار.

پرسرام ’ضيا‘ جي شان ۾ وقت سر آئون شرڌانجليون بيشمار،
سادگيءَ ۾ سرتاج هو، هيو هر دل عزيز روشن مِنار.

سنڌي جاتيءَ کي هيري جيان چلڪائي ڪيو هو شاندار،
ڪجهه رسمون ڪڍو سماج مان، هن پرچار ڪيو هو زوردار

قلم سان کهڙا لکان مان، گڻ خصلتون خوشبدار،
دل سخي داتار هو، دل جو ڪليل دائم اُدار.

اَخلاق ۾ بيداغ هو روشن اعليٰ ساهتڪار،
جهڙا خيال اوچا تهڙا اعمال ها ٿيو هرهڪ ’سئلانی‘ بيدار

هي آهن ضيا صاحب جا ماتا پتا



سرڳواسي هيرانند
ٿانورداس سچاننداڻي



سرڳواسڻ ڌرمبائي
هيرانند سچاننداڻي



شري پرسرام هيرانند سچاننداڻي 'ضيا'
جنم ١٩١١-٧-١١
سرڳواس: ١٩٥٨-١٠-٢٨

هي سڀ آهن اسانجا پوڄ ماتا-پتا ۽ وڏو مربي ياءُ
جن جي آشيرواد سان اسين ڦليا ڦُليا آهيون.

پل پل ياد ڪندڙ: ناري هيرانند سچاننداڻي ۽ پريوار

Every citizen should be a soldier. This was the case with Greeks and Romans and must be that of every free state.

–Jefferson

ضيا صاحب جي 95 شين جنم ڏن جي آپلڪش ۾ هيءُ انڪ

ضيا (ٽماهي) ادبي رسالو

انڪ : ٢٣/١٦ (اپريل-جون) ٢٠٠٥

لائيف ميمبر شپ - 300/-
ساليانو چندو - 60/-
هي انڪ - 20/-

-: سمپادڪ :-

ڪشور پهوجا ''جيون''

Sulabh Housing Society,
Plot No. 47/345, Vadavali Section,
Ambernath (East) - 421 501.

-: سهايڪ ۽ پرڪاشڪ :-

نارائڻ پرسرام ضيا

ضيا ساهتيه مالها، بئرڪ نمبر ١٠٨٥،
پرسرام ضيا روڊ، او.ٽي.، اُلهاسنگر- 421 003. Tel. - 2549027

D.T.P. : **SAIKRIPA** ART PRINTS (ISHWAR BANWANI)
Opp. Regency Hall, New Link Road, Furniture Bazar,
Ulhasnagar-421 002.
Tel. : 2571480, 2570647

پل-پل ياد ڪندڙ

پوتر يادگيري ۾ سمرپڻ



سرڳواسي
شريمتي لڪشميبائي
ورندمل آڏناڻي



سرڳواسي
شري ورندمل
چيلارام آڏناڻي

پل-پل ياد ڪندڙ :
رامچندر ورندمل آڏناڻي، هيرانند ورندمل آڏناڻي
۽ آڏناڻي ڪٽنب پريوار

With Best Compliments From

LOTUS GENERAL TRADING CO. L.L.C.

P.O. Box No. 6584. Dubai (U.A.E.)

Tel. : 3536862 / Fax : 3532034

Email : lotus@emirates.net.ae

پرڪاشڪ طرفان :-

حال حقيقت

پريه پانڪو سدائين پنهنجي پريوار سميت باغ بهار هجو ضيا رسالي جو هيءُ آنڪ خاص اهميت پريو ضيا صاحب جي 95 سال جنم ڏن ياد جي اُپلڪش ۾ شايع ٿيو آهي - هن ۾ 2 مقالا ضيا صاحب جي جيون ۽ شخصيت سان واسطو رکندڙ ضيا جي ياد ۾ رٿيل سيمينار جي پروگرام ۾ ٻن پيٽرن سندن رچيل مقالا پڙهيا جن لاءِ ڪين آفرين هجي درشڪن سندن ڪيل محنت ۽ جفاڪشي لاءِ تاڙين وڄائڻ سان خوب ساراهه ڪئي سيمينار جو پروگرام سنڌونگر ۾ سوامي ڌرمداس صاحبن جي ڌرمشالا ۾ سائين ٻلرام صاحب جن جي پورن سهڪار سان بيحد گهڻي ڪاميابي سان ٿي گذريو. سنڌي سماج ۾ اُسرندڙ نوان ساهتيڪار ڄاڻ حاصل ڪندي بيحد گهڻا متاثر ٿيا - هڪ مقالو اسان جي هن رسالي جو سمپادڪ شري پهوجا صاحب جو لکيل خوب عالمانو آهي ٻين پڻ ڪيترن پنهنجو جذباتي شرڌاڃليا ليکه ۽ شعر موڪليا انهن کي هن رسالي ۾ شايع ڪندي هڪ سڪ ڀري پشپانجلي ڀيٽ ڪئي وئي آهي. ڪراچي سنڌ پاڪستان مان اسان جي هڪ سنڌي ساهتڪار تاجل بيوس جو قرباڻتو خط پهتو آهي - هن صاحب کي ڪٿان ضيا رسالي هڪ ڪاپي هٿ لڳي آهي اُن جو ذڪر ڪندي بيحد گهڻو خوش ٿيو آهي خط سان گڏ هڪ گهڻو عالمانو ليکه لکي موڪليو اٿائين جنهن ۾ ضيا صاحب شاعري جي ۽ ماسٽر صاحب چندر جي گائڪي جي هن خوب ساراهه ڪندي لکيو آهي ته سنڌ ۾ انهن جا ڀريل رڪارڊ اڃان وٽس مؤجود آهن جن جو خوب آنند اسين سنڌي ٻڌي لطف مالڻيندا آهين دائما رسالو ضيا موڪلڻ لاءِ هنن بيحد گهڻي دلچسپي لکي آهي - اُهو خط اسان هن رسالي ۾ شايع ڪيو آهي.

اسان کي اُن لاءِ بيحد گهڻي خوشي ٿي رهي آهي. اسين انهن سان سنٻنڌ جوڙي نڀائڻ جي هر ممڪن ڪوشش ڪنداسين ۽ اسان کي بيحد گهڻي ڏک سان لکڻو ٿو پوي ته سرڪاري سطح تي ڀرپا ٿيل ساهتيه جي واڌاري لاءِ NCPSL بروڊا وارن جي موڪليل منظوري ضيا رسالو ٺوڪ خريد اسڪيم هيٺ جيڪا ٠٦-١٢-٣١ تائين آهي انهيءَ سنستا جي نئين مقرر ڪاميٽيءَ وٽان اسان کي خط پهتل



سنگيت آچاريه-
ماسٽر چندر

'ماسٽر چندر'

(ڪوي پهلاج)

مون ڏٺو هو چنڊ ٽڪرن، پر ڏٺم پهو ٻي چڙهيو،
چندر تو تي چندرمان هو، مرتبو پنهنجو مڙهيو.
١- رات کي روشن ڪري، راڳ تو روشن ڪيو،
سنڌ جي سنگيت تي تو، جوهر هو پنهنجو جڙيو.
٢- مرڪ تنهنجي مينڊ تنهنجي، مشڪ تنهنجي مينڊارا،
هر ڪلمن جي مٿان تو، گهات هو پنهنجو گهڙيو.
٣- قطب جو توتي ڪرم هو، رحم روچلداس جو،
جام جيوت ٻي پياري، عشق ۾ توکي آڙيو.
٤- عشق جي تو ۾ اُجل، پر فشڪ ۾ قاتين نه تون،
ٻر حواسن جي خواهشن جي، طمع کي تو تڙيو.
٥- عشق جي آزاڪه ۾، جيئري پچائي جان تو،
پر ملوتا سالڪائي، سڪ سندو تنهنجو سڙيو.
٦- حسن وارن ۽ حسينن جا، سوين حملا سٺئه،
پر حسن ديو مارجي، جو لکه دفعا تو سان لڙيو.
٧- سنڌ تووري هند ۾، تنهنجو امر اِتهاس ٿيو،
دل منجهان ڏيئي دعا، پهلاج ايهو پد پڙهيو:

پريہ شري ڪشور ڀوڄا، ”جيون“

”ضيا“ ٽہ ماهي ادبي رسالو - جنوري - مارچ ٢٠٠٥ ڇپيل چند پرچي (سنڌيت ڏينهن) سان وابستہ اِشٽ ديوتا جهوليلال جي رنگين ڪَورَ ڪي تصوير سان ملبوسو پڙهيو، پڙهي نهايت الوڪڪ آنند محسوس ٿيو. شروعاتي صفحن تي گيتڪار ماسٽر رانجهن جو گيت ”اسان جا ڪارج ڪرڻ جهوليلال آيو آ امرلعل آيو آ اُيڏيرولعل آيو آ..“ ۽ آلاپ ضيا عنوان هيٺ سڪاجو صاحب، سري واري ضيا جي مشهور پرارٿنا ”تون سڀني آهين سڀاجهو، در اُٿم تُنهنجو جهليو/هاڪ تنهنجيءَ تہ ڏي مان دوُر ڪان آهيان هليو.“ سڀ ڀيو داد لائق آهن.

-اُن بعد حال حقيقت وارو ليک پرڪاشڪ طرفان لکيل بہ وقتائتو ۽ اَثرائتو آهي. ڪويتائن ۾ ايم ڪمل جنهن جو ”وسڪوت“ عنوان وارو غزل ”اوچتو ڏماڪن ڪيا تماشا/ تماشن جا ٿيا ڏماڪا“ ۽ شري ڀڳوان نردوش جو غزل - خاص ڪري ”هتي شعر : خشڪ طبعيت گُهنجل چِهرا آهن ٽانڊا ٽانڊا ماڻهو“ ٻئي غزل خوب وڻيا ڪين دلي مبارڪون ڏيندا-

ڪهاڻي : پرليہ، اتهاسڪ ويسگاهاتي (نئين ڪويتا) آزادي آندولن ۾ سنڌيِ شاعرن جا ڪرتب رچنائون نهايت اهميت واريون آهن جيڪي سڏو دل ۽ دماغ کي ڇهن ٿيون.

سداحيات سڳن آهوجا جا قعلعا الڳہ الڳہ عنوانن هيٺ پڻ وقتائي تقاضا مطابق ڏنل آهن. ”ڀهرين ڀيٽ پنجوءَ جو...!“ ريٽا شهاڻي جي ”مني ڪهاڻي“ خاص اثر ڇڏي ٿي، تجرباتي پيئي پاسي. ادبي ليکہ : ”سنڌي شاعر“ سدا حيات لال سنگهہ اَجواڻي جو لکيل ڪافي وڻيو. هوڏانهن ڊائري جا ورق : جيون جهلڪ - سنڌي سرويڇ، رچنا شري ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جي مختصر هوندي بہ ڪارائتي ۽ معلوماتي آهي. باقي شري پِريوُ وفا جي غزل لاءِ ڇا چئجي؟ ”هي فنڪار، اديب هميشہ چاهنِ ٿا مشهوري ونءِ وجهي اُن مشهوري کان جيڪا ڏي مغروري“ سڀ

آهي جنهن ۾ هنن اڳين ڪاميٽي جا فيصلا رد ڪيا آهن ۽ اسان کي نئين سرسندن موڪليل فارم ڀري درخواست ڪرڻ لاءِ لکيو آهي هاڻي سندن وري خبر ناهي ته منظوري ڪڏهن پهچندي انڪري حال اسان سندن موڪليل ١٥٠ ڪاپين موڪلڻ روڪيون آهن. پر ڏک ڀري ڳالهه ته اِها آهي ته سندن آيل منع نامي ڪان اڳ اسان سندن مليل منظوري هيٺ ١٥ انڪ اڳم سندن موڪليل ١٥٠ ائڊريسن جي لسٽ سيني کي موڪليو آهي اُن جي رقم جي موڪلڻ لاءِ ڪين بل موجب سندن نيمن جي پٺواري ڪندي احوال لکيو آهي پر هنن اڃان تائين اسان کي اُها رقم ڪانه موڪلي آهي روڪي ڇڏي اٿن. هن نموني ساهتيه جو واڌارو ڪيئن ٿيندو هن وقت رٿيل ڪاميٽي جو ڪوبه وري احوال ڪونهي سنڌي ساهتيه واسطو رکندر سڀني عالمن ۽ سنسٿائن کي ونتي ٿي ڪجي هن مٿئلي جي حل ڳولڻ لاءِ ڪو يوگيه تدارڪ ڪرڻ گهرجي هن نموني گروپ بندي جو نظريو بند ٿيڻ گهرجي اُميد ته سنڌيت جا شيدائي ضرور دلچسپي وٺي هميشه لاءِ جيئڻ اسان جهڙا ننڍا ننڍا ليکڪ ۽ پرڪاشڪ واڌارو ڪري سگهن • هيءُ رسالو شايع ڪرڻ ۾ ڪجهه اَڻ-ٽرسببن ڪري دير ٿي آهي ان لاءِ اسان کي ارمان آهي. اسان وٽ اکيچار ليک رايا خط ڪيترن پيارن جا پهتل آهن ڪافي انداز ۾ اخبارون ڪتاب پارت جي جدا جدا شهرن مان شيع ٿيندر پهچنديون رهن ٿيون اسين انهن جي فراخدلي ڏيکاريندز سيني مترن جا گهڻا شڪر گذار آهيون انهن جي رايڻ پورن ڏيان ڏيندي انهن کي جوڳي جاءِ رسالي ۾ ڏيندا رهنداسين وچوار جاڻ انهيءَ بابت اسين ايندڙ انڪ ۾ لکنداسين. ويجهرائي ۾ رسالي جا گهڻائي ميمبر وڌيا آهن ڪجهه اشتهار ۽ مالي سهڪار مليو آهي اسين انهن شڀچنتڪن جا پڻ تمام گهڻو آڀاري آهيون پاٺڪن کي نماڻي وينتي آهي ته پاٺڪ هيءُ پنهنجو شخصي ڪاريه سمجهي قرب قائم رکندا رهن. ڌنيواد

پرڪاشڪ

پاٺڪن کي جاڻ ٿي ڏجي ته اسان هرڪنهن انڪ ۾ سنڌي سماج جي جدا جدا مهان آتمائن جا فوٽا انڪ جي ڪور جي پوئين صفحه تي ڏيندا آهيون اُنهن جو ڪلام يا اِحوال رچنا لکندا آهيون خاص اِهو نيم نوئن اُسرندڙن ساهتڪارن جي جاڻ لاءِ چالو رکيو آهي. اُن موجب هن انڪ ۾ سنڌي سماج جو مشهور درويش سچل سائين جو فوٽو ۽ ڪلام ڏنو اٿون.



پيارا نارائڻ پرسرام ”ضيا“

جڳ جو والي هندو، مسلمان سان گڏ، سيني کي سلامت رکي. احوال ته ڪنهن طريقي سان، مونکي اوهان پاران نڪرندڙ ٽه ماهي ادبي رسالو ”ضيا“ جولاءِ - آگسٽ - سيپٽيمبر ١٩٩٨ مليو آهي - هي پرچو ست سال پراڻو آهي، پر مون لاءِ بلڪل نئون، نڪور آهي - صفحي ٢١، ٢٢ ۽ ٢٦ تي منهنجي شاعري ڏنل آهي، جنهن لاءِ ٿورائتو آهيان. رسالي ۾، ماسٽر چندر ۽ پرسرام ضيا بابت ليک پڙهي، ماضي ياد اچڻ لڳو - هن گڏ ”ماسٽر چندر ۽ پرسرام ضيا جو مون به هڪ سونهري دؤر ڏٺو“ ليکُ (ٽي صفحا) موڪلي رهيو آهيان - سالَ، سالَ جون ڪاپيون موڪليندا رهو ته جسم ۽ ذهن تازو توانو ٿيندو رهندو - اوهانکي جَسُ هجي، جو پنهنجي والد صاحب کي ياد ڪندا رهو ٿا، ۽ اوهان ”ضيا ساهتيه مالها اُلهاسنگر ۾ قائم ڪئي آهي - اهڙي اولاد ڪنهن، ڪنهن پيءُ کي نصيب ٿيندي آهي - سرحد پار سيني مائرن، ڀينرن، نياڻين ۽ وڏڙن لاءِ نيڪ خواهشون ۽ سنڌ جي گُلن سان واسيال دُعائون -

اوهان جو پنهنجو
تاجل بيوس

تاجل بيوس (ڪراچي) سونهري دوار :-

(ماسٽر چندر ۽ پرسرام ضيا جو مون به هڪ سونهري دؤر ڏٺو)

١٩٤٤-٤٥ ۾، مان ڳوٺ يونيٽ پور (ضلعو خيرپور) ۾ سنڌي پيو درجو پڙهندو هيس - هن ڳوٺ ۾ ٻڙن ڪن هندن جا دوڪان هوندا هئا. منهنجي عمر ست سال کن هئي. نندڙو قيمت ڦهريون درجو پڙهندو رهيو - اسان ٻنهي جي ٻالڪپڻي واري گهاٽي دوستي هوندي هئي، ايتري قدر جو اسان جون اَمڙيون، اَسان جي حوالي سان هڪ ٻئي ڏانهن سوکڙيون پاڪڙيون

۽ پيهي وقت ۽ حالت جي عڪاسي آهي. شري تيج قابل جو نسڪ حيات دادا دلگير (جيون جهلڪ) شريمتي سندري اتمچنداڻي جي ڪهاڻي : منهنجا مارؤڪِيٽي تمام سٺيون ۽ معياري لڳيون آهن. هر صفحي تي انمول وچن نصيحت آميز نڪتا جي روپ ۾ ”ضيا“ رسالي جي گيٽ اَپ کي اُپاري بيٺيون آهن اِن ڪري ضيا رسالو نه صرف ساهتڪ رسالو آهي پر هڪ صحتمند رسالو پڻ آهي، جنهن ۾ الڳ الڳ ڪالم آهن، هر طبقي جي اديبن ۽ پاٺڪن لاءِ ۽ هن انڪ ۾ شري سندر اگناڻي جو ڪارٽون ڏيئي جو شايد شڀ آرنڀ ڪيو ويو تو ڏسجي-
شڀ ڪامنائن سميت
نارو سي. گرناڻي

”غزل“

ياد تنهنجيءَ ۾ هجان ۽ پير ٿاپڙجي وڃي
ڪوته ٿاپو زندگيءَ ۾ روشني بڻجي وڃي

- وچه، وڃي هنڪي دِلاسو ڏي اُڏاريءَ آس جو،
ٿي سگهي ٿو هو ويچارو ڪجهه ڏِهاڙا جي وڃي؛

- ڪون جنهنجو هاءِ، صدين ڪانوني پيتو اٿن،
ظالمن کي فڪر آ جاهل متان سڌري وڃي؛

واندڪائي ۽ اُداسي ياڳوارن کي مِلي،
درد بڻجي دوار تنهنجو ڪاش، اِئين پڻ ٿي وڃي؛

- اڄه ڪِٽي ڪو آهه شنڪر جو اسانجو وِٽُ پئي
اڄ مناسب آهه هرڪو زهر، پنهنجو پي وڃي

- جي هجي ها ڪيل شبدن جو غزل جوڙي ڇڏيون
ڳالهه دل جي آهه چوٽي، ساهه ٿو نِڪري وڃي

- لڪشمڻ، جهوناگر

همراهہ کي ايڏو تہ مست، اَلست کري ڇڏيو هو، جو هو ڪوني تان ڪِري پيو هو ۽ ڦٿڪي، ڦٿڪي ساهہُ ڏنو هئائين -

منهنجي ساٺونڊ لئبرريءَ ۾ اڄ بہ ڇٽيرائي رڪارڊ آهن - مون فوني کي بہ سنڀالي رکيو آهي - ڪڏهن، ڪڏهن سنڌي ۽ اُردو رڪارڊ ٻڌندو بہ آهيان - فونو ۽ رڪارڊ ڏسي، آواز ٻڌي، نئين نَسل جا جوان ۽ جوانڙيون حيرت ۾ پئجي وينديون آهن - جيئن تہ گهڻا رڪارڊ جَوَّ (لاک) مان ٺهيل آهن، ۽ سال بہ ڪافي گذري چُڪا آهن، اُن ڪري، گهڻا رڪارڊ گرميءَ ڪِري ٽيڙا ۽ ڇِپا ٿي ويا آهن، جن کي وَڄائيءَ نہ ٿو سگهجي، پر پوءِ بہ ماسٽر چندر جو هيٺيون رڪارڊ سَهي سلامت آهي، جو ٻين رڪارڊن سان گڏ ٻڌندو بہ آهيان.

(۱) حُسنَ وارن جي نيڻن ۾ نهاريندين، مري ويندين

(۲) حُسنَ سرڪار جي سامهون، سوين آيا پر ويا سڄي!

ساهتڪار خواه تعليمدان قوم جو روح هوندا آهن. پر موُجوده دؤر ۾ ڪي ڪيترو نہ بدڪر ۽ بدروح بڻجي ويا آهن - مزي جي ڳالهہ اِها جو پنهنجي محنت ۽ ساڌنا سان اَڳتي نہ وَڌيِ، ٻئي جي ليڪي کي ڪَٽي، پنهنجو ليڪو ڊگهو ڪرڻ جي هوڏ ۾ سرگردان آهن؛ جنهن ڪري جنجو اَدبي خواه ڪلچرل کيتر ۾ سڄو پڄ لاٿائي يوگدان آهي، اُهي تہ پاسيرا ٿي ويا آهن يا پاڻکي پاسيرو ڪيو اَٿن ۽ باقي قطار جي اَڳيان گهڻو ٽٽو چامڙا ئي نظر ايندا. جن وٽ پنهنجو ڪجهہ آهي ۽ ڪونہ، سڀ اُڌارو ۽ ڌاريو، پوءِ بہ بيشرما بڻجي ڪيئن نہ لکن ۽ ڪُڏن ٿا! اِها ڪيڏي نہ گراوٽ آهي؛ جا جاتيءَ کي کُهٽي جيان اَندران ئي اَندران کائي رهي آهي. اَهڙن ماڻهن جون ڇاتيون ويڪريون آهن، پر اَندر جا ڪيترا نہ پليت آهن، اَهڙي جاڻ رکڻ جي ڪين درڪار ئي ڇو ٿئي؟ لنگها جو ٿيا! هري همٿاڻي ۱۴، تلوڪ نگر اَجمير 305001

موڪليندي هيون - آمان سائڻ قيمت جي ماءُ لاءِ مونکي ماکي، مکڻ، ٻير، ڦريون، ساڳُ ۽ ڪَتل ڏيندي هئي، ۽ جواب ۾ مونکي ڦُلبيدا، ڏونگهي، پتاشا ۽ لائي ملندي هئي - ڪڏهن، ڪڏهن ماءُ جي چوڻ تي، قيمت مونکي ذريءَ ڪان هلي بيهاريندو هو، جتان سندس ماءُ آسيس وچان مونکي ڏسندي هئي - اُن ڏينهن مونکي مصري به ملندي هئي -

منهنجو ڳوٺ درگاهه پير حيات شاهه سيدن ۽ صوفين جي درگاهه آهي، جنهن درگاهه جا سنڌ ۾ پاڳناڙيءَ تائين لکين مريد ۽ عقيدتمند آهن - هي ڳوٺ اُن وقت گمبٽ تعلقي ۾ هوندو هو، جو هِن وقت تعلقي سوڀيديري ۾ راڻي پور جي ويجهو آهي - مان ۽ درگاهه جو گادي ڌڻي ننڍڙو حيات شاهه مريدن جي موجودگيءَ ۾ رات جو فونو ٻڌندا هئاسون - جي رڪارڊ وڄائيندا هئاسون، اُنهن رڪارڊن ۾ پارت جي پراڻن اُردو فلمي گانن سان گڏ، ماسٽر چندر، ڪنوررام ۽ جيوڻي بائيءَ جا رڪارڊ به هوندا هئا - چندر جي ڳاتل ڪلامن ۾، گهڻائي پرسرام ضيا جي شاعريءَ جي هوندي هئي - ڪڏهن، ڪڏهن رڪارڊن ٻڌڻ ۾ ايڏو ته مست مگن ٿي ويندا هئاسون، جو صبح جو باک ڦٽڻ لڳندي هئي، ۽ مان آرام ڪرڻ بدران، اسڪول وڃڻ جي تيارين ۾ لڳي ويندو هيس -

ماسٽر چندر جي رڪارڊن ۾ هيٺيان رڪارڊ به هئا :

(۱) دل آهي هٿن ۾ تو خريدار ڪي ڳولهيان -

(۲) تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان، پر سُهڻا ڪين رهايو تو-

(۳) حُسن وارن جي نيٽن ۾ نهاريندين، مري ويندين -

(۴) حُسن سرڪار جي سامهون، سوين آيا، پر ويا سَنجي -

(۵) ڪبوتر، ڪبوتر، ڪبوتر، ڪبوتر خبر هيءَ ڪٿي وڃ، عقل جا اَڪابر -

ننڍڙائپ ۾، اسانکي ٻڌايو ويو هو، ته هڪ دفعي لاڙڪاڻي ۾ رات جو چندر ڳائي رهيو هو، جنهن جي راڳ، ويراڳ هڪ

۽ ناسليت جون ٻتيون، پاڻيءَ جي اڻاٺ، روزگار نہ ٻنہ ڪين، سنڌ جي سيني ضلعن جا ڪيئي باشندا هن ڪئمپ ۾ اچي ڳاهٽ ٿيا هئا. ڪيترا تہ پنهنجن ملن مائٽن، عزيزن، يارن دوستن کان بہ وڇڙيل هئا. سنڌين جي دکن، تڪليفن، آهنجن، ايذاوَن طرف حُڪومت گهٽي لاغرض هئي. اَهڙين حالتن ”ضيا“ صاحب جي دل کي چلني ڪيو ۽ هن حالتن جي عڪاسي شاعريءَ ۾ قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي هئي :

- هڪ، ٻہ، ٽي، چار، پنجون نمبر ڪئمپ
ڪڏون ڪوٻا واٽ تي، ٻتي نہ ڪا لئمپ،

ڪئمپ جون حالتيون اَهڙيون ڇڻ جيئريا موت هو :

- هزارين بار جيئڻ ۽ هزار بارِ مَرڻ
ٿيان ٿو رَنبجِ ۽ راحَت سَندو شِڪار اَچا!

اَهڙي قسم جي حالتن هيٺ ڀلا پنهنجي وطن کي ڪير وساري سگهندو؟ ضيا صاحب تہ سنڌ جا وَڻ ڇڏڻ وارن جو ذڪر بہ دُکَ ڀرئي لفظن ۾ ڪيو آهي :

- وطن کان جُدا ٿي لڏيندا وَڃن ٿا
سنڌي ديس پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا،
هاءِ هاءِ پکا ڀراٽا، هاءِ هاءِ وطن جا ٽاٽا،
هاءِ هاءِ منا آباٽا-!

مٿيون گيت ”آباٽا“ فلم لاءِ ضيا صاحب رچيو هو. اُن فلم ۾ لڏپلاڻ جو درشيہ دَردناڪ نموني ڏيکاريو ويو هو.

سنڌ ۾ سنڌي هندو چاهي مسلمان ڪير ڪنہ جيان پاڻ ۾ ڳنڍيل هئا. منجهنن ڪوبہ ڀيد ڀاءُ ڪونہ هو. پر سياستدانن ۽ مذهبي - فرقيپرستن محبت ۽ دوستيءَ جي وچ ۾ ڏارون وِجهي ڇڏيون ضيا صاحب اِنجو ذڪر بخوبي ڪيو آهي؟

ٿيا سَڀُ آهيون اَسين سِياست جو شِڪار،
سِنڌُ کان سنڌي ٿياسين ڏار ڏار؛
هڪڙا هِتِ ۽ ٻيا هُتي پهچي ويا،
ڀوت مذهب جو ٿيو سِرَ تي سُوار!

سنڌي سماج جو عڪس

(ورهاڱي بعد ڀوريان ڏهاڪو سال لوڪ پريه شاعر پرسرام
”ضيا“ جي نظر ۾!“)

ليکڪ : ڪشور ڀوڄا ”جيون“ (سنڌونگر)

شاعر جي دل سدائين حساس ۽ جذباتي ٿئي ٿي. هو پنهنجي اُمنگن، جذبن ۽ خيالن کي سدائين ٻين سان ونڊڻ چاهيندو آهي. شاعر جي زبان فصيح هئڻ گهرجي ۽ ٻوليءَ جو چوکو گيان ته بلڪل ضروري آهي.

-لوڪ پريه شاعر پرسرام ”ضيا“ جي اِسڪولي تربيت تمام گهٽ هئي پر آسپاس جي قوئت ڪافي وسيع هئي. ضيا بابت سدا حيات رام پنجواڻي هيٺين ريت بلڪل صحيح ۽ ٿڌ لفظن ۾ بيان ڪيو آهي :

- ”ضيا عام ۽ خاص ۾ پيارو هو. هو لچاري سڀاءَ وارو، محبوبُ طبيعت، ٿورو ڳالهائو ۽ گهڻي سُوجهه وارو اِنسان هو. جيڪا ڳالهه مک سان چئي نه سگهندو هو سا قلمبند ڪندو هو. هو سرشتيءَ جي سرور جو لاثاني شاعر هو.“

- ورهاڱي بعد، خانه - بدوشيءَ جي حالت هيٺ ”ضيا“ صاحب، سنڌونگر ۾ ٽڪاڻو نه ڪري سگهيو هو. هن ٻين شهرن ۾ ٽانئيڪو ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي هئي. پر نيٺ سنڌونگر جي ڪئمپ نمبر ٢ جي اوڀي سيڪشن ۾ دائما طور مقام حاصل ڪيو ۽ اِهو گهر اَڄا به اُتي جو اُتي قائم آهي.

- اَديب، شاعر ۽ ڪلاڪار، جيتوڻيڪ سماج جو اُتوٽ اَنگ ٿيندا آهن، پر ٻيگوان شِو وانگر ڪين ٽين اَندر جي اَک به ٿيندي آهي، جنهن سان هو اَندروني ۽ بيروني حالتن جي پرت ڪري سگهندا آهن.

- سنڌونگر جي پنجين ڪئمپن جي مليٽري بئرڪن ۽ رستن جي لڳ ڀڳ حالت ساڳي ۽ سَتِا هئي. ڀڳل سڙڪون، رستن تي ڪڌا کڏا، ڏوڏڙ، سنسان واپومنڊل، بجلي بجاءِ تيل جا ڏيئا

صاحب ڪيو آهي، سنڌي جاتيءَ جو جيڪڏهن اِتهاس لکيو وڃي
تہ ضيا صاحب جي شعر کي گهڻو مهتو آهي:
- وڃن ٿا وڃن ٿا، اُداسي وڃن ٿا،
وطن کي ڇڏيندا، ساڌ صوفي وڃن ٿا.
ڇڏي قُطب، بيدل ۽ بيڪس جا ڏيرا،
ڇڏي شاهہ، سُوامي ۽ دلپت جا پيڙا؛
ٽرازن ڪان اَڄ دُور ٿيندا وڃن ٿا،
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا! - هاءِ هاءِ پکا پراڻا...
ڇڏي زنده پير ۽ سکر - ساڌِ جو ٻيلو،
وسڻ گهوٽ، روچل، پارو شاهہ جو ميلو،
جدائي سندو داغ ڏيندا وڃن ٿا!
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا هاءِ هاءِ ...
- مٿين گيت ۾ ذڪر ڪيل شاعرن ۽ آستانن کي ياد
ڪري پڙهڻ جي اکين ۾ ضرور پاڻي اچي ويندو. پر اڄ جي
نئين ٽهيءَ کي پنهنجي وطن جي اهم ڏيرن جي ڪابہ خبر
ڪانهي. وطن جي ياد بہ ڪانهي. جن کي سنڌي ٻولي ۽ سنڌيت
سان پيار ٿي ڪونهي اُنهن کي اِهو گيت جي پڙهي پڌائي تہ
کو عجب نہ لڳندو - هن گيت کي اِتهاسڪ مهتو گهڻو آهي.
سنڌي جاتِي جي حالتن جو چٽو آئينو آهي.
- ورهاڱي جي ڀاري طوفان سبب، سنڌِي جاتي ڀارت جي
ڪُنڊ ڪڙڇ ۾ پکڙجي ۽ وکڙجي ويئي هئي. سنڌ ڀومي ڇڏڻ بعد
سنڌونگر جي باشندن ۾ ڦيرو اچڻ شروع ٿي ويو هو رشتن ناتن،
رسمن رواجن، اُٿڻ ويهڻ ۾ ضيا صاحب کي بدلاءُ نظر آيو هو:
پنهنجو وطن ڇڏيوسين، گڻ پي ڇڏي ڏناسين،
خوبين جو خير ناهي، اُف! اوگڻن آزايو؛
- اَڄ مُڙس مَردُ ناهي، پڻ زال زال ناهي،
سيني، ڪان قرضَ وِسريا، گهر نرڪُ تنِ بڻايو؛
- شادي ڪرڻ بہ هڪڙو واپار ٿي پيو آ،
گڻ تي نظر نہ پوندي، لالچ آ لالچايو؛

- ضيا صاحب کي سنڌ ۽ سنڌ جي سيپتا ۽ سنسڪرتي تمام گهڻي پياري هئي. شاهه سان ته خواب ۾ به ڳالهيون ڪندو هو :

- شاهه تُنهنجي هر ڪهاڻي زنده باد،
جام ۽ نُوري نِماڻي زنده باد،
سُهڻي-ميهر، عُمر ماروي، سَسُئي پُنهون،
وِرهہ جي وائي ۽ واڻي زنده باد!
سورِميون سڀ ياد رکنداسين اَسين،
سيني ۾ آباد رکنداسين اَسين!

پر افسوس آهي جو سواءِ ڪن اَديبن، شاعرن ۽ مُفڪرن جي اَڄ نہ تہ شاهه جا بيت ۽ وايون ياد آهن، نہ تہ سورميون جو سنڌي سماج ۾ ذڪر ئي ٿي رهيو آهي.

- سنڌي هندو، سنڌ ۾ شان، مانَ ۽ عزت سان سکي زندگيءَ بَسَر ڪندا هئا. غريبي ۽ شاهوڪاري تہ اُنوقت بہ هئي، اَڄ بہ آهي ۽ اَڳتي بہ رهندي. وِچايو ڪنهن؟ اُنهن سنڌين جنکي پئسو ڪونہ هو، حيلو وَسيلو ڪونہ هو ۽ هٿين خالي سچين بستين ۽ ٻچڙا ٻار ٻئرکن ۾ اَچي نڏڪن جيان پهتا هئا. پر جن وٽ مال - ملڪيت هئي اُنهن جو ٻاهريون ناٽ باٽ گهٽ ڪونہ ٿيو هو :

”عجب اَسانجو آهي شانُ،
ڪُلل آهيون تہ بہ آهيون خان،
ڇڏيسين ڇڏسين پنهنجي وطن جي،
اَچا بہ آهي لوڏ لڪن جي،
گهرُ ٻاري پيا ڪَريون ڏياري،
سَمجهون سُڃائيءَ ۾ بہ بهاري؛“

اِن گيت ۾ ڪيتري نہ طنز سمايل آهي.

سنڌ ڇڏڻ لاءِ جن کي مجبور ڪيو ويو هو، اُنوقت پنهنجا آشيانا سڀ کي ياد هئا. اُن قافلي جو دردناڪ ذڪر ضيا

پر اُڳواڻن ۾ اَهڙو شعور ئي ڪونه هو. سوارٿَ وَسِ هرڪو پاڻکي اڳوان سمجهي رهيو هو - پر ايڪتا جي سُوٽر ۾ ٻڌجڻ ڪنهن به نٿي چاهيو. هرڪو اڳوان پنهنجي پنهنجي اَلڳ کچڙي رڌڻ ۾ مشغول ٿي وِيو هو. شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ چاپلوسن ۽ ٻولڙين کي به خوب مالمطاع ڪارائڻ لڳو ؛

- چئرمن چڱي رات مَجلِس رَچائي
خوشامند ڪندڙ سَڀُ وَيا مال کائي،
- ڪئي تي اُتي چاپلوُسن جي ٽولي،
ٻٽي، ٻولڙيا جيڪي ٻولين ٻولي،
- اُنهن ڪيئن نہ محفل جي شوڀا وَڌائي،
خوشامند ڪندڙ سڀ ويا مال کائي!

ورهاڱي جي شروعاتي دوَر ۾ سنڌين کي سرڪار ڪجهہ نہ ڪجهہ مدد ڪئي هئي ۽ لوڪل ماڻهن بہ ڪافي ساٿ ڏنو هو. پر اِها مدد ڪافي نہ هئي. اِنڪري سنڌين کي سيني ٻارن تي بہ ڀارٽو پيو هو. خوب محنت ڪرڻي پيئي هئي ڪچڙي لاءِ ڪان بہ ڪم ونٽو پيو هو. هٽُ نہ تہ هٽڙي. هٽڙي نہ تہ پڙي. پڙي نہ تہ ڳاڏو! ڳاڏو نہ تہ لوڪل ٽرين جي ڦيري. ضيا صاحب پهرين ڪمپازيٽري جو ڪم ڪيو. بعد ۾ ڪيس نيتاجي هاءِ اِسڪول ۾ ماستري ملي. پر تڏهن بہ گذارو مشڪل سان پئي ٿيس اِن هوندي بہ سندس حوصلو ۽ همت بلند رهي هئي لکيائين تہ :-

- تدبير سان تقدير بڻائي ٿو سگهان،
غم پنهنجو گهٽايان تہ گهٽائي ٿو سگهان،
پر ڪاتب تقدير جي عزت ٿو رکان،
نہ تہ آنءُ لکيو پنهنجو مٽائي ٿو سگهان!

ضيا صاحب جي اَهڙي هام، صرف خوش-خوابن جيان آهي. ڪنهنکي خبر هئي تہ پاڪستان وِجود ۾ ايندو. جناح صاحب جي ڪيل قٿلن کي سندس وارث مٽيءُ ۾ ملائي

- فئشن رهيا نہ جهونا، نِتِ نِتِ نوان نمونا،
سينگار گهر ڏٺين کي، آهي گهٽو کُٽايو!
- اَنُ هوند عام آهي، تہ بہ خرچ جامُ آهي،
اَڄ آهہ ديکا ديکي، دِلِ کي گهٽو دُکايو!
- پورو نہ هنڌُ پيتي، تہ بہ ڏين ڏيتي ليتي،
هن پوُٽ کيترن کي، ڪائي آهي مٽايو،
پٽ پيءُ کان ڌار آهي، پيءُ پٽ کان ڌار آهي،
پٽُ بي چيو ٿي پيو، پيءُ فرض کي ڀُلايو؛
اَڄ ڀاءُ ڀاءُ جو ناهي، سڀ جو لڙڻ تي لاڙو،
گپ-چڪَ تي گوڙ ٿيِ پيو، تِنِ معاملن آ مُنجهايو!
هئيون، گيت سنڌي سماج جي بگڙيل ڍانچي جو حقيقي عڪس آهي. جڏهين سوُارٿي ويچار گهرُ ڪرڻ شروع ڪن ٿا، تڏهن سماج جي گراوٽ نشچت ٿئي ٿي - پر آخر اِنهيءَ لاءِ جوابدار ڪير آهي؟ شاهوڪار ۽ پڙهيل طبقو ئي جوابدار آهي، اَڳوان جوابدار آهن! جي اَڳوان ۽ شاهوڪار سنڌ نہ ڇڏين ها تہ عوام وچولو غريب طبقو بہ پنهنجو وطن نہ ڇڏي ها. جنکي ڀارت ۾ اَچِئي وَسيلا ميسّر هئا، تن پنهنجا ٿيڙَ ڀهرين گول ڪيا هئا. جڏهن رَهبرَ ئي ڪائر ٿي بيٺا تہ جنتا ڇا ڪري؟
- ضيا صاحب جيڪا، سماجڪ ۽ گهرو زندگي جي عڪاسي ڪئي آهي، اَهڙي اوُگڻن لاءِ جوابدار ڪير آهي؟ شاهوڪار ۽ اَڳوان ئي هئا. ڏيتي ليتيءَ جو مرض بہ اُنهن ئي وڌائي ڇڏيو پٽ - پيءُ، ڀاءُ - ڀاءُ، زال ۽ مڙس جي منورتيءَ ۾ سُوارٿ ڪنهن پئدا ڪيو هو؟ اِن لاءِ بہ صرف شاهوڪار طبقو ئي جوابدار آهي. ديکا ديکي جي چپيٽ تہ غريبن کي ئي سهٽي پئي هئي. اَڄ اَهڙن اوُگڻن جو شڪار هرڪو ٿي رهيو آهي. اَديبن، سنتن، ساڌن مهاپرشن جي وَچنن جو سنڌي جاتيءَ تي ڪوبہ اَثر ٿيندو نظر نٿو اَچي.
- سنڌي جاتيءَ ۾ جيڪڏهن سياسي سُجاڳي هجي ها تہ هند جي حڪومت کان ڪافي سهوليتون حاصل ڪري سگهي ها.

- پنهنجي مٺڙي مادري ٻاشا لاءِ ٻين پرانتن جي باشندن کي ڪافي عزت ۽ پيار آهي. هو ٻاهر ۽ گهرن ۾ سيئي پنهنجي ماتر - ٻاشا ۾ ڳالهائين پيا - شادي مرادي، غميءَ ۾ به ڪارڊ ماتر ٻاشائن ۾ ڇپائين ٿا. پر سنڌي انگريزن جا غلام بڻجي ويا آهن. اِنلاءِ ڪير جوابدار آهي؟ صرف آڳوان، شاهوڪار طبقو ۽ فرقيپرست. آڳوانن پرانت وڃايو، فرقيپرستن سنڌي لپيءَ کي مسلمانڪي لپي ڪوٺيو شاهوڪارن کي انگريزي ٻوليءَ سان موهه ٿي ويو. آڳوانن ٻوليءَ کي تسليم ڪرائڻ بجاءِ اِسڪولن ۾ ديوناگري لپي مڙهڻ جي ڪوشش ڪئي. شاهوڪارن ٻوليءَ کي ٻارن مٿان ٻوجهه سمجهيو. وچولي طبقي ته نقل ڪرڻ ۾ دير ڪونه ڪئي. پر ديکا ديکي ۾ اَڄ غريب طبقو هر طرح پيسجي رهيو آهي. سنڌي سڀيتا لاءِ وڏو خطرو آهي، جنهن ڏانهن سنڌي جاتيءَ جو ڌيان ضيا صاحب اَڄ کان پنجاهه سال اَڳ ڇڪايو هو. مگر جاتي ڇڪنو گهڙو ثابت ٿي آهي، جنهن تي ٿڌي جل جو به ڪو اَثر ٿيٽو ڪونهي.

- اَديب، شاعر، ڪلاڪار گهٽي ٻاڳي فراخدل آهن. اِنسانيت کي پنهنجو وڏي ۾ وڏو ڌرم سمجهن ٿا. پر فرقيپرستن جي به ڪمي نه سنڌ ۾ آهي ۽ نه ته هند ۾! ڪشمڪش ته چالو رهندي. سمنڊ ولوڙڻ سان اَمرت به نڪرندو ته زهر به. اِنڪري نه ته سنڌيت دفن ٿيڻي آهي ۽ نه ته سنڌي ٻوليءَ اِن ۾ رچيل ساهت. پرسرام ’’ضيا‘‘ لوڪ پريه شاعر هو ۽ آهي. سندس شعر کي اِتهاسڪ مهتو آهن. اِنڪري ڪيس وِسارڻ مشڪل آهي - ۽ بس!

اڄ جو اڻپڪل تعليمي سرشتو

اڻ پڪل کاڌو شرير ۾ بيماريون آڻي ٿو. ساڳيءَ طرح اڄ جي اڻپڪل تعليمي سرشتي سماج ۽ سياست ۾ ڪيتريون ئي بيماريون آنديون آهن. اهي بيماريون هڪ ٻئي لاءِ غلط ۽ اُبتا خيال پيدا ڪن ٿيون، جنهن ڪري ماڻهن ۾ تڪرار وڌن ٿا.

شري سائين بابا

ڇڏيندا. سنڌي هندن کي پنهنجو پيارو وطن ڇڏڻو پوندو. جيتوڻيڪ وڙهاڻو هترادو لڳي ٿو. پر جاتيءَ جي تقدير ۾ اُٿل پٿل لکيل هئي تہ کهڙا بہ حيلا چو نہ هلائجن اُهي مٽيءَ ۾ ملي وڃن ٿا. واپس سنڌ ورڻ جا خواب، جنجي، آسري جاتي لڳي رهي هئي. سي برٿواب ڪونہ ٿيا. سٺ سالن بعد بہ اَهڙي قسم جي ڪا اُميد ڪانهي تہ ڪو فرقيپسرتي ۽ مزختي جنون گهٽ ٿيندو ۽ عام طبقي کي ڪو فائدو پهچندو.

ضيا صاحب محسوس ڪيو تہ جي سنڌي ٻوليءَ کان سنڌين منهن موريو تہ سنڌيت کي وڏو نقصان پهچندو.

- سنڌ ۾ سنڌيءَ کي اُڙدوءَ کان خطر،
هند ۾ انگريزي ٻوليءَ جو اَثر؛
ٻمبئيءَ ۾ اُلٽي گنگا ٿي وَهي؛
هرڪو سنڌي، سنڌي ٻوليءَ کان ٿهي؛
ڪانوينٽ سڪولن ۾ ٻارن جي پيڙ،
خواب اَنگريزيءَ جا پيو هرڪو لهي؛
اَصل وِسِريو نقل تي ڪَنِ نازُ ٿا؛
ڪَنِ پراوا پرَ ڪٽي پرواز ٿا،

جيئن ٿڏ تيئن وَڌِ. شروع ۾ تعليم جي شائقن ڪافي اِسڪول کوليا هئا. پر جيئن جيئن اَنگريزي جو اَنڌو موهہ گهر ڪرڻ لڳو تہ اِسڪول بند ٿيڻ لڳا. هينئر تہ گهر گهر ۾ ڪِٿي اَنگريزي ۽ ڪِٿي هنديءَ ۾ پيو ڳالهايو وڃي. پنهنجي ماتر ڀاشا جي مٺڙن لفظن کي بہ تلانجلي ڏيئي نقلي ڏاريا لفظ پيا اَپنائين جنهن لاءِ ضيا لکيو :-

’ماءُ‘ کي هِتِ ٻارَ ٿا ’ممي‘ چوَن،
’پيءُ‘ کي ’بابا‘ بجاءِ ’دئدي‘ ٻون،
چاچي کي ’اَنڪل‘، ڏيءُ ، ’بيبي‘ چون
مِٺڙا مٺڙا شبد مِٽبا پيا وَڃن؛
لطف وارا لفظ گهٽبا ٿا وڃن!

آزاد نظم
سدا حيات شيخ ”آياز“

اوچتو، ڇرڪي ڪَري، مونکي ڏسي، تي پڇي
”ڇا، تون فلاڻو تہ ڪونہ آهين؟
مون پڙهي آ، شاعري تنهنجي سڄي!“
تنهن کان سوچيان پيو : مان ڇا چوان؟
سِجُ اُفق ۾ تو هٽي پوئين لُڇي
ڪانوَ ڪان ڪان ڪَنِ پيا آڪاس ۾،
تو وَڃان ڪنهن سوچ ۾ جڏهن مان ٻڌي،
رات واسيل آهہ هنَ جي واس ۾،
ويل - چيئر کي ڪُپائي تو چوان :
”هيل تائين مان فِلاڻو آهيان پر،
پر سڀاڻي، ڪيئن چئبي، ڇا هجان؟!“

(٢)

منهنجا نيڻ يشودا وانگر،
روز ڏسن ٿا مَٿُرا ڏانهن،
مان جو آهيان جنُ ڪو ڪنهنجو
مان هن پَرَ تي ڀولو آهيان،
جڏهن تہ هوا جو جهونٽو آهيان
وِراندوَنَ جو وَڻ وَڻ ڄُهندو
اُڏي مان ٻيءَ دنيا ڏانهن.
تو لئہ ورتا تي وَرٽو آن
توڙي جاڻان تو مرٽو آن پَرَ؟
مُنهنجا گيت نہ مرڻا آهن،
منهنجا گيت نہ مَرڻا آهن!

ايئين ڀلا ڇو؟

ليکڪ : دادي مايا راهي، ممبئي

● ريل جا گاڏا
خاص زالن لاءِ
اَلڳ آهن
ايئين ڀلا ڇو آهي؟

● بس ۾
ڪي بينچون
خاص خاص زالن لاءِ
الڳ آهن
ايئين ڀلا ڇو آهي؟

● اِسپتال جي
مَرداڻي وارڊ ۾
زال رهي
مرد جي سيوا
ڪري سگهي ٿي
پر!
جي زال
آ بيمار
تہ مرد
زناني وارڊ ۾
نٿو رهي سگهي
ايئين ڀلا ڇو؟

● اَڄ
ڀاءُ سان ڀيڻ
پيءُ سان ڌيءَ
ناني ڏاڏي سان
ڏوهٽي پوٽي
مطلب تہ
ڪنهن بہ
رشتي ۾
يا
بنان ڪنهن
رشتي جي
ڪابہ ماءُ
ڌيءَ ڀيڻ
جوان يا ٻڍي
ايتري قدر جو
ڪا ننڍڙي
معصوم ٻالڪي
ڪٿي بہ
اُنهن جي حفاظت نہ آهي
اِيئين ڀلا ڇو آهي؟

ٽيائي، وئرائي مايا سڀ مستان ڪيا،
سامائي ڪو ورلو بچيو گرمڪ وڏيائي،
ڏٺو جنهن جاڳي پنهنجي اکئين پاڻ ڪي.

آخر مرد اِئين ڇو ٿا ڪن؟

ناڪر چاولا (ممبئي)

مسٽر ٻناڻي نيويارڪ مان آيل هو. سنڌين جي هڪ وڏي ميلي ۾ سندس ملاقات شيلا سان ٿي ويئي. هو ڦُل - سوٽ ۾ هو. ڪنهن اَنڪل سان هن پنهنجو وزٽنگ ڪارڊ شيلا کي ڏيندي لالچ ڏني تہ هو سندس جنم - پتري ڏسي ڪيس آئينده بابت ٻڌائي سگهندو؟ ۽ ڪبس پاڻ وٽ اَچڻ جي آڇ ڪيائين.

ٻئي ڏينهن، پنهنجي ساهڙيءَ کي ساڻ ڪري، شيلا پنهنجي ڪنڊلي ڏيکارڻ لاءِ مسٽربناڻيءَ وٽ پهتي. مسٽر ٻناڻي، وڏي شاهي فليٽ ۾ جوتش جا ڪتاب سامهون رکي ويٺو. پنهنجي آئينده ڄاڻڻ جي شيلا جي ڪمزوري مسٽر ٻناڻي ڀانپي ورتي هئي. ٻناڻي ڪنڊلي کي هيڏانهن هوڏانهن اُٿلائيندي پٿلائيندي جاچڻ شروع ڪيو؛ شيلا جي هٿ جي ريکائن کي بہ غور سان ڏنائين ۽ ٻڌايو : ''تنهنجي جلد ڪنهن NRI سان ملاقات ٿيڻ واري آهي. هو توکي ڏسڻ سان ئي فِدا ٿي پوندو : تون بہ هن جي شاهاڻي صورت ۽ هنجي شاهوڪاري ناٽ باٽ اَڳيان هڪدم جُهڪي پوندينءَ.....!''

''پر، مان تہ شادي ڪيل آهيان!'' شيلا عجب مان ڪيس ٻڌايو.

''پر.... مان توکي پنهنجو نصيب ٻڌائي رهيو آهيان. تنهنجو گهوٽ توکي ٿن مهنن اَندر ڇڏي ڏيندو ۽ تون ٻئي شادي - شده سان عشق ڪري وِهندينءَ!''

شيلا، اَهڙي پوشيہ - واڻي ٻڌي ڊڄي وئي. پر اَڄ ڌري گهٽ، مسٽر ٻناڻيءَ سان ملاقات ڪئي، هڪ سال گذري چڪو آهي. شيلا اَجايو، اِن پوشيہ واڻيءَ جي ڪري، ڪافي تناوَ ۽ چنتا ۾ گذاريا. سندس گهوٽ ساڻس بيوفائي ڪونہ ڪئي آهي. شيلا کي هاڻ اِها ڳالهہ سمجهہ ۾ اَچي ويئي تہ مسٽر

ٻال - قوالي

سرڳواسي منوهر بيدي، سنڌونگر

نہ ماريو اَسانکي، ڏيو ڪين ڌڙڪا،
اَسين ٻارَ آهيون، اَسين ٻار آهيون!
ڪَلين کان بہ ڪومل، گلن کان بہ سهڻا - اَسين ٻار.....

- ٽِڙن سوَ بهارون، اَسين مُسڪرايون،
وَڃون جتِ خوشين جا خزانا لُٽايون؛
اَسانکي ڏِسي هرڪو سُرهو ٿئي ٿو،
اَسين درد دُنيا جا پَلَ ۾ مٽايون،
اَسانکي وَڻن گيت ٿا پيار سُک جا؛ - اَسين ٻار.....

- ڊڄون ڪينَ ڪنهنکان، چئون سچُ سڀن کي،
رَکون ڪوُڙَ کان دور هردم ٿا مَنَ کي؛
ڪَيوُن ڏوهہ ڪو تہ بہ نہ اُنکي لِڪايون،
- اَسانتي هٺ، نازَ ڦُهرجي وِصلن کي،
اَسان کان پِرائي زمانو ٿو ڇا ڇا؟ اَسين ٻار.....
اَسانجي نظر ۾ نہَ آهي ڪچائي،
پريل دِلِ ۾ هردم رهيتي صفائي؛
ٻرو ڪنهنجو سِيني ۾ پِي ڪين چاهيون،
اَسين دُشمنن سان ڪيون پڻ ڀلائي،
ڪپي صرف سک آهِيوُن سک جا پياسا، اَسين ٻار....

”ناول جا سرير ۾ ساهہ“

سٺي ساهتڪ رچنا لاءِ ضروري آهي هڪ سٺو اَدبي فَنُ ۾ پيو زندگيءَ جو گهرو اَڀياس يا آزمودو. اِهو اَڀياس يا آزمودو ليڪڪ جو پنهنجو ٿئي ٿو تہ ڪجهہ ٻئي جو هوندي بہ اَپنائي پنهنجو ڪيل ٿئي ٿو. فن ۾ اَڀياس/آزمودي جي ٿاڃي - پيٽي سان اُٿيل پلاٽ ۾ اُڀجيل ڪردار ئي ناول جو سرير ۾ ساهہ ٿين ٿا - (ڪرشن راهي)

شاعر پرسرام 'ضيا' - هڪ شاندار شخصيت

مقالو : ا - لکندر : دادي مينا روپچنداڻي

ڪن چونڊيل ماڻهن کي جنم کان ئي جيڪي نعمتون حاصل ٿينديون آهن تن مان شاعري مکيہ نعمت ليکي ٿي وڃي. مشق ۽ سکيا سان هيءَ ڏات فن، ڪلا، هنُر ۽ ڏانوُ ٿي پوندي آهي. شاعرُ خيال ۽ ڪلپنا جي اُڏام سان سونهن سچ ۽ آدرشن جو سِرجڻ ڪندو آهي ۽ شائقن جي دل ۽ دماغ کي هلڪي نوکر هڻي ڏونڌاريندو آهي، هر شاعر ۾ روحاني اَنش بہ زوردار ٿيندو آهي ۽ اُهو آتمڪ تتوَ تخليق لاءِ سهائڪ ٿيندو آهي، وياڪرڻ، شاعراڻا نيم، زمان مڪان جو تبديليون، بدلجندڙ ماحول ۽ ريتون رسمون وغيره شاعر جي بيروني (ٻاهرين) شخصيت جو حصو-آهن تہ ويچارن احساسن ۽ اُمنگن جو سِرجڻ ۽ اُڇل ڏيئي ٻاهر اَچڻ سندس ڏروني شخصيت آهن. هو ڏکيا ۽ حساسي پرائي درد تي ٻوڙها ٻاريندڙ ٿيندا آهن. اَسان جي شاعر پرسرام 'ضيا' جي بيروني ۽ دروني شخصيت سائيئي بہ اِجهو سائيئي نموني جينس ۽ بلند اخلاق واري هئي. جيڪا سندس شعرن، گيتن غزلن ۽ ڪلامن ۾ نڙيل پکڙيل آهي، جنهن کي محسوس ڪرڻ لاءِ هِنجي رچنائن کي سمجهڻو پوندو.

هن نهڻي نماڻي فقيرتن شخص ۾ سماج سڌارڪ قوم پرست ۽ هڪ پيار ڪندڙ انسان سمايل هو جنهن جي پرورش سون يا چانديءَ جي چمچي سان نہ مفلسي ۽ مسڪينيءَ ۾ ٿي هئي. هو سڀنو گڏ رشتيدار، گهڻگهرو دوست، پٽ، پتا، ۽ ياءُ هجڻ سان. هو هڪ سٺو ماستر پڻ هو. پرسرام ضيا جا گيت غزل شعر ڪلام بيت سماج ۽ نرواسي سنڌين جي مسئلن جي نازڪ تندن سان واڻيل آهن. ورهاڱي جي حولناڪ حالتن ۽ مالي مسئلن ۾ منجهيل سنڌي هندو نرواسين جي جيون ۽ وجود لاءِ ڪشمڪش جو حقيقي بيان دلين ۾ سمويدنا ٿو پيدا ڪري. آزادي آندولن ۾ بحرو وننڌي سنڌين جي من ۾ جيڪي اُميدون هيون، سپنا هئا، تن عيوض ڪين جيڪا ويدنا پيري ۽ ڪشٽدائڪ موت ملي آهي اُنهيءَ جي چٽرن ۽ ڏارمڪ حالتن جو سوزناڪ ۽ غمناڪ چٽر چونڊ لفظن ۽ نون گهڙيل محاورن سان اَهڙو چٽيو اَٽائين جو چيتن ۽ اَچيتن من ۾

بناٽي، خود ئي سندس زندگي ۾ اَچڻ جو خواهش هو. آمريڪا مان جڏهن مسٽر بناٽي ممبئي اَچي ها، شيلا کي هن پاڻ سان رکڻ تي چاهيو. ڪنڊلي تہ هڪ بهانو هوس سندس ملڻ چال هئي.
شيلا سوچي رهي هئي تہ آخر مرد اِئين ڇو ٿا ڪن؟!

غزل

اَرجن حاسد (اَحمدآباد)

سِنڌ مُنهنجي اَمان، توکي پيري پوان
مونکي آسيس ڪر، تُنهنجا ٿورا ميان

- تنهنجي ڇاتيءَ جو اَمرت مون پيتو اَمڙ،
  تنهنجا اَحسان ڪِئن آنءُ لاهي سگهان!
- ننڍ ۾ منهنجا ٻِلَ تون چمين تي جڏهن
  مان ٿو تنهنجن ڇَپن کي سُهاڻين وَيان!
- تنهنجي مِٽيءَ مان مُنهنجو جُڙيو جِسم آ
  اِنڪري توکي بيحد تو بيحد وَڻان!
- جي ٿڪل تي ڏِسين، پاڻ ڏي تي ڇِڪين،
  پنهنجي پرسان وِهاري ڇُهين پيار مان،
- گود ۾ جيءَ سان، تون جَڙي تي ڇڏين،
  تنهنجي نيڻن مان برسات ڇُلڪي اَچان
- جيڪي باسون مون باسيون سي پوريون ٿيون،
  شال جُڳ جُڳ جيئن، تنهنجي وِنڙي ڏِسان!

حيدرآباد ۾ رهندي به هن ڪتنب کي پاڻ کين پرايو سو ڪراچيءَ لڏي آيا. ڪراچيءَ ۾ به پرسرام کي لاڏڪمل جي پريس ۾ ڪمپازيٽر جي نوڪري ملي. سندن ننڍو ڀاءُ ريجهومل به ٺاڪرداس اگناني جي پريس سنسار سماچار ۾ ڪم ڪرڻ لڳو. وڏي ڪتنب جي پالنا لاءِ هيراننڊ به ڪجهه نه ڪجهه ڏنڊو ڪندو رهندو هو. اُهو عرصو 38-1937 جو هو.

سنڌ ۾ هندو سنڌين ۾ تنگدليءَ جو ماحول هو. شاعري شيٽن نڪمن ۽ نڪمٽن جو شغل سمجهو ويندو هو. پرسرام جي بزرگن کي به هنجو شوق راس نٿي آيو اشڪول ۾ ''پرسو'' جي تخلص سان لکندو هو. ۽ جنون ايترو وڌي ويس جو مسلمان شاعرن جي مشاعرن ۾ به ڀاڱو وٺندو هو. سندس شوق ۽ ڪلا ڏسي اُستاد شاعر ''قاظم'' کيس پنهنجو شاگرد ڪرڻ قبول ڪيس. فن سان گڏ کيس علم - عروض جي سکيا ڏنائينس. اُن دؤر ۾ ئي پرسرام پنهنجو تخلص 'پرسو' مان ڦيرائي ''رنجور' ڪيو هو ۽ شعرن جي چونپري ''رنجور جو آواز'' ڇپائي هئي جنهن تي ڪنهن به کيس داد نه ڏنو اسڪولي جيون ۾ جيڪي شعر رچيا هئائين انهن تي کيس داد مليو هو ۽ ڪافي قدر به ٿيو هو. 'اُستاد قاظم' کي به 'رنجور' تخلص چڱو رنجايو هو. 'رنجور جو مطلب اٿس، رنج، دکي ۽ غمناڪ! اُستاد کيس پنهنجي پسندي جو تخلص 'ضيا' ڏيئي نوازيو جيڪو پرشن لفظ آهي. مطلب اٿس روشني! جو تجلي مثل اهي. هو چمڪات سان اَدب جي کيتر ۾ پڌاريو ۽ اونڌهه سان وڙهندي هليو ويو آهي. 'ضيا' جي شعر ۾ پريل درد سندس نجي انيوتين جو آهي. درد مان ئي ته سرجڻ تو ٿئي ۽ سرجڻ ڪانپوءِ درد جو احساس دوا بڻجي تو پوي. ضيا جي قلم ۾ اَهڙي توفيق هئي جو سڀ کي به ماڻي سگهون ٿا. سڀ اَهڙو ڪوڙو ڪونه تو لڳي. هنيئر 'ضيا' جي ڪجهه نون شعرن جو مجموعو ''تصوير - ي - احساس'' شايع ٿيو جيڪو ماڻهن ۽ مشاعرن ۾ قبول پيو. جنهن جو مهاڳ اُن وقت سنڌ جي تعليمي وزير ڊاڪٽر دائود پوٽا لکيو آهي ۽ هن کي ئي سنڌ جي تعليمي کاتي -/۲۰۰ روپيه انعام به عطا ڪيس.

اِتي اَچي ٻين مهاڀاري لڙائيءَ جو ناد وڳو ته وري هن ڪتنب ڪراچيءَ ڇڏي اَچي ناناڻو شهز عمرڪوٽ وسايو. پر پرسرام پاڻ ڪراچيءَ ۾ رهي پيو. هينئر ضيا جا سبت ۽ گيت شعر ايترا مشهور ٿيا جو ڪلڪتي

جوش جون لهرون ٿيون پيدا ٿين. ’ضيا‘ صاحب ڀاڻ ٻه ورهاڱي جي دائما درد جو مجسمو هو. درد جي مورتي هو. جنهن جي پلٽ پلٽان شعر ۾ ڪئي آٿائين. اُن وقت جي نرواسين جي پيڙا آسان جون ايندڙ پيڙهيون ’ضيا‘ جي شعر جو اڀياس ڪري محسوس ڪندون ته اسين سنڌي ڪيل قربانين جو مٺو ميوو ماڻڻ عيوض جلاوطني ۽ خانبدوش بڻيا آهيون. نرواسين جي دک درد ۽ پيڙا جو بيان هن سهڻي شاعر مذاقي انداز ۽ طنزي لهجي ۾ لکيو آهي. روز مڙه جي گهرجن راشن، پاڻي ۽ وغيره وغيره لاءِ قطار ڪري بيهڻو پيو هو. جن جي ياد نس نس ۾ ڇپي ٿي.

هن خوددار شخصيت جي مالڪ درمياني يعنيٰ وچولي طبقي جي ناڪامياين، نراشائن غريبي ۽ بيروزگاري ۽ جو بيان اَهڙو ڪيو آهي جو لڳي ٿو اُهي سڀ گهٽنائون هن شاعر جون ڀوڳيل ۽ سَٺل آهن! دل ۾ درد جو ڏک ايڏو گهاٽو هوس جو پرماتما سان به شڪايت ٿو ڪري ته:-

”جي خوشي ڏيندين ته خوش رهبو جي غم ڏيندين ته پيو سهبو“

هن ’سهبو‘ سندس پرماتما ڏانهن شڪايت جو پرتيڪ آهي. ته سهڻ ڪانسواءِ ٻيو چارو ئي ڪونهي، سو ضرور سهبوئي!

شاعري هڪ اَهڙو ڪرتب آهي جنهن وسيلي شاعر حال اوڙي من هلڪو ٿو ڪري. جيئن ’ضيا‘ صاحب پنهنجي دؤر جي ڪوڪلائپ خلاف آواز بلند جي همٿ ڏ ئي آهي.

پرسرام جو جنم هيرانند ٿانورداس سچانندائي جي گهر ۾ ١١ جولاءِ ١٩١١ع ۾ ٽنڊو آدم سنڌ ۾ ٿيو هو. شعر ۾ سچانندائي محلو هو جنهن ۾ ٤٠ ڪٽنب سندن برادري جا رهندا هئا. وڏي ڪٽنب ۽ ڏکين مالي مشڪلاتن ڪي منهن ڏيڻ لاءِ هيرانند ٽنڊوآدم واري جاءِ وڪڻي ١٩٣٣ ۾ اَچي حيدرآباد وسائي هئي. پرسرام اَنن ڀائرن ۽ ڀينرن ۾ وڏو هو. حيدرآباد ۾ اَچڻ کان جلد پوءِ تعليم اڌ ۾ ڇڏي پريس ۾ ڪمپازيٽر جي نوڪري ڪيائين.

شاعريءَ جو شونق ته ازل کان هوس. اَهڙا شعر لکندو هو جو اِسڪول جا ماستر صاحب گهڻو پيار ڏيئي همٿائيندا هئس. اُهو شاعريءَ جو شونق اڳتي هلي سندس عادت بڻجي پيئي.

پيو آهي ۽ اُنهيءَ انداز ۾ جنت ۽ جوش آهي.

سنڌي فلمن راءِ ڏياچ-انصاف ڪٿي آ ۽ اَباڻا، لاءِ لکيل گيت تہ لوڪ پريہ ٿيا پر اُنهن صدقي 'ضيا' صاحب بہ لوڪ پريہ ٿيو. ضيا جا ڪيترا گيت هندي فلمن جي طرز تي بہ آهن.

حال ۽ ماضيءَ جو پاڻ ۾ اٽوٽ رشتو آهي 'تنهنجو سهڻو مثال آهي تہ ضيا جي رچيل لوڪ پريہ گيت دال چولا ڍيل... کي دبئي جي نوجوانن ڪلاڪارن نئين انداز سان پيش ڪيو. هو پاڻ تہ جهوميا پر ٻين کي بہ جهومايائون. هيءُ پروگرام دبئيءَ جي رشيد آڊيٽوريم ۾ آشا چاند 'سنڌيت جي سرهاڻ' نالي ۲۰۰۳ ۾ ڪيو هو. دال چولا ڍيل اَباڻا فلم جو ۽ ۵۰ جي ڏهاڪي جو گيت ۲۱ صدي ۾ پيش ڪيو ويو جنهنجو احوال بمبئيءَ مان شايع ٿيندڙ آهي (اَسين سنڌي مخزن تان ورتل)

يونان جي مشهور فيلسوف افلاطون (.....) جو گفتو آهي تہ 'سٺي ساهتيہ جو بنياد آهي زندگيءَ جي آزمودن کي سچائي ۽ ايمانداريءَ سان لکڻ.'

ڪوي ڪاليداس اِستري هرديہ جي ڪوملتا جو قائل هو پر ڪاليداس جي ٻيٽ ۾ ضيا صاحب هڪ تنگ دل سماج جو فرد هجڻ ڪري پارت ۾ نوڪري ڪندڙ زالن ۽ ڇوڪرين تي ملامتون هڻي پنهنجي تنگدليءَ جو ثبوت ڏنو آهي. ۽ لنگڙي سماجڪ ويوستا کي ظاهر ڪيو آهي. مثال :

"هتي روز آهہ حسينن جي پرتي
جتهہ عورتن آهہ مردن جي ورتي"
"ڇئن درجن واريءَ مس کي ٿا وڏا درجا ملن"
"نوڪريءَ لاءِ گهرجي. سونهن جو سرٽيفڪيٽ"
"اَڄ عملدارن کي آهہ پنهنجو من وندرائڻو"
"ڇوڪرين جو مانُ آهہ ڇوڪرا رُلندا وتن
عورتن جي ٿئي خوشامد مرد پيا نڪرائجن
ڪئمپ جي آفيس آهہ يا نمايش گاهہ آهہ"

هيءَ اُهو دؤر هو جو نرواسي ڇوڪريون ۽ مهلائون نوڪرين تي نہ

جي ”هز ماسٽرس وائس“ رڪارڊنگ ڪمپني، هنجا گيت غزل ۽ ڪلام چونڊيا. هن رڪارڊنگ ڪمپنيءَ پاران ڪراچيءَ ۾ لالچند ۽ ڪمپني رڪارڊ ڪندي هئي. ۽ قومي شاعر پدم شري هوندراج دکايل به هن ڪمپنيءَ سان جڙيل هئا. دکايل جا خاص قومي گيت رڪارڊ ٿيندا هئا. سنڌ جي مشهور ماسٽر صاحب چندر گلوڪار جيوٽي ٻائي، موتڻ ڀڳت/پرمانند ساگر ۽ ٻين گائڪ جي آواز ۾ ’ضيا‘ جا راڳ رڪارڊ ٿيندا هئا، هيءَ ڪمپني هڪ راڳ لاءِ رچناڪار کي سچا سارا ٻه روپيه لوازمو ڏيندي هئي! ۽ رڪارڊنگ لالچند جو پٽ واڌومل ڪندو هو.

’ضيا‘ جي دل ۾ لڳل چٽنگ کي زماني جون حالتون هوا ڏيئي پرڪائيندون رهيون.، ضيا پنهنجي نجي انيوتين ۽ آس پاس جي آزمودن کي شعرن ۾ ۾ پريندو رهيو. تنگ دل سماج شاعرن کي سُستي ۽ ڏينهن جو سپنا ڏسندڙ ڪري سمجهندي آهي جنهن جا ڏک پرسرام ضيا ڀوڳيا هئا. هو نه پيو چاهي ته سندس پٽ نارايڻ شاعر ٿئي. سو شعر رچڻ وقت ڪيس پرسان ٻيهڻ ئي ڪونه ڏيندو هو متان هو به هن سُستي جي مرض ۾ مبتلا ٿئي ۽ ملامتون سهي! پرسرام ضيا جو ڀاءُ چيتانند ”گل“ به شاعر هو ته ننڍو ڀاءُ ناري ’ناچيز‘ به شاعر آهي ۽ ڊبئي ۾ وسيل آهي. ناچيز جا شعر ”ضيا“ ٽماهي مخزن ۾ اڪثر ڇپبا آهن ضيا صاحب جو ساهرو پريوار نوابشاهه ۾ رهندڙ هو سندن گهٽي زوربارتي هن ڪجهه سال عمرڪوٽ ڇڏي اچي نوابشاهه ۾ رهيو.

ورهاڱي وقت سنڌ مان اَچڻ ڪانپوءِ هيءُ ڪٽنب پهرين اجمير پهتو جتان پيلوارا ويو پر روزگار جي پٺيان ڪلياڻ شهر ۾ پوءِ ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اَچٽو ئي پيو ۽ اَنت تائين اُتي ئي رهيا سندن پٽ نارائڻ جو ڪٽنب اَڄان اُن ئي ساڳئي مڪان ۾ ٽئين نمبر او.ٽي سيڪشن ۾ رهندو ٿو اَچي. اُنهيءَ ساڳيءَ ٻئرڪ ۾ پرسرام ٣ ڪوٺيون پنهنجي جگري دوست ماسٽر صاحب چندر لاءِ به والاري رکيون جتي پوءِ صاحب پنهنجي پريوار سان اَچي رهيو هو.

’ضيا‘ وطن کان وڇڙي آيل نرواسين کي درد جو ٻيو نالو آهي. خاص ڪري وچولي طبقي جيئڻ لاءِ جيڪو سنگهرش ڪيو تنهن جو احوال اَهڙو صاف ۽ چٽو لکيو اٿائين جو سندس انداز - ي - بيان ٻڌجي

اُن وقت اکل ڀارت سنڌي ٻولي ساهت سڀا پاران الهاسنگر شاخ جو پريزيڊنٽ هو. ۽ هن سڀا لاءِ رات ڏينهن هڪ ڪري ڪم ڪندو هو. ساڳي يعني ١٩٥٨ واري سال ۾ سنڌونگر ليکڪ سنگهه جو ٻه اڏيڪشنو ۽ اَدبي ڪلاس ٻه هلائيندو هو ڪيترن شاعرن جو رهنما اُستاد هو. ايم. ڪمل. جڳديش لڇاڻي منوهر بيدي، هرچند اَجهل، هيرو ٺڪر، نارائڻ ڀارتي، موهن ڪلپنا، سڳن آهوجا، ڪشور پهوجا وغيره اُنهن اَدبي ڪلاسن ۾ ڀهرو وٺندا هئا.

٢٨ آڪٽوبر ١٩٥٨ رات جو رسوئي ڪائي ماسترچندر وٽ ويٺو هو، اُن وقت ٣٠-٩ بجه رات جو دل ۾ جو سور جي سوٽ اُپريس تہ ڊاڪٽر ڪمشنچند تلريجا جي سئي ٻه فرق نہ ڪيو ۽ پکيئڙو اگم ديش ڏانهن راهي ٿي ويو.

’ضيا‘ جا شعر هندستان، هندو سنسار، سنسار سماچار اخبارن ۾ روزانو ڇپبا هئا. هو صرف شاعر ئي نہ پر گياني ڌياني سنت فقير ۽ هر دل عزيز هو. ڪيس عام ماڻهن مان قرب ۽ قبوليت مليا هئا. سنڌين جي دلين تي راڄ ڪندڙ سادو سودو ڊگهي قد وارو سانورو شخص هو. منهن ئي ماتا جا سينئرا هئس. اَڇي پتلون جهبو ۽ ڪاري جئڪيٽ پائيندو هو. پتلون مُڙن ڪان مٿي پائڻ جي هير هئس. مٿي جي وچ تي وار ڪافي گهٽ هئس منو ۽ آهستي ڳالهائيندو هو سڀني ماڻهن کي پيار ۽ سڀني ڪاريہ ڪرتائن کي همٿ ڏيندو هو. هن جون گهٽ تعليمي نياقتون شاعراڻي لياقت آڏو لڪائيندڻيون نہ هيون. سنڌو ايڊيوڪيشن سوسائٽي ۽ جي اشڪولن ۾ وڏن درجن ۾ سنڌي پاڙهڻ لاءِ خاص اُستاد ڪري مقرر ڪيائونس. سيني اسڪولن ۾ هڪ هڪ ڏينهن ويندو هو. اُلهاسنگر ٢ او. ٽي سيڪشن ۾ نوجيون ٽرسٽ برپا ڪرڻ ۾ سندس وڏو هٿ هو. جتي ’ضيا لائبرري‘ پڻ آهي. جسلوڪ اسڪول جي قلواڙي ۽ ۾ هن شاعر جو پتلو براجمان آهي. اُلهاسنگر ٣ ۽ ٤ کي ڳنڍيندڙ نئين پوائي ريلوي پل تي اُلهاسنگر ميونسپل ڪارپوريشن ’پرسرام ضيا‘ نالو رکڻ لاءِ سنہ ٢٠٠٣ ۾ يڪيدار جلسو ڪيو هو ۽ ثبوت ڏنو ۽ شاعر ضيا شهر جو شان آهي. سنڌين جي سڃاڻپ آهي. هن شاعر جي تخليقن کي بلندين تي پهچائڻ اَسانجو فرض آهي. سندس فرزند نارائڻ ضيا اُها جوت جڳائي

چڙهن ها تہ ڪيترا ڪنمب زواليت تي پہنچي وڃن ها! ’ضيا‘ اهڙين گونگين قربانين جو قدر پل نہ ڪري ها پر اُهو سوچيندي مٿن لعنت نہ وجهي ها! اُن رچنا مان اِهو ائين رچناڪار جي جهلڪ تي ملي!

بيوسيءَ وقت نماڻو ٿي پرماتما اڳيان پرارٿنا ڪرڻ ’ضيا‘ جي شخصيت جو اهم پهلو آهي. ڀڳوان سان حجائتو هو ۽ ڏکہ ڏوراپا بہ ڏيندو هو. سندس هڪ پرارٿنا جو گيت آهي :

”ٻين کي بہ نوازين ٿو ’ضيا‘ تي بہ نوازش ڪرِ
ڪندين ڪرپا تہ دنيا ۾ هميشها ڪنڌ ڪٽي هلبو.“

سرمايدارن، چور بازارين، رشوتخورن خلاف ڪا قاعدي جي حجت اُٿارڻ لاءِ بي وس هو پر پنهنجي دائري ۾ قلم جي طاقت سان اُنهن خلاف آواز اٿاريائين.

”ملڪ ٿيو آزاد، آباد ٿيو سرمايدار“

اَباڻا فلم جي هن گيت ۾ لڏ پلاڻ جي نظاري جو درد پلٽيو اٿائين

۱- وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا -
سنڌي ديش پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا، هاءِ هاءِ پڪا پراڻا...

۲- سرڪاري عملدارن ڪاروبارن لاءِ چيائين :
(ساجن جو خط) آلاپ ضيا ڪتاب تان)
مهانگائي ۽ چور بزاري آهي
لکن ڏوهہ رشوت جو وهنوار آهي
سچو ٿو روئي زور زردار آهي
عملدار اُن سان مددگار آهي
ٻڌي ڪير مفلس جي فرياد.“ سجني -
مونکي ڇڏ وساري نو ڪر ياد سجني

قدرت مان زندگيءَ جا راز جهٽڻ بہ سندس سڀاءَ جو حصو هو. ”ماڪ ڦڙا“ کي ٿو چوي ”دنيا ۾ تنهنجو زندگي ٿوري ۽ بي بقا سا يي ٻين جي واسطي تون ٿو ڪرين خدا!“

دل ۾ نراشا ۽ ناراضپي سان گڏ روشن مستقبل جو انتظار بہ هوس :

”هن اُجڙ گلشن کي پنهنجي خون سان سينگاريو
جا بجا خوشبو ’ضيا‘ هر پار ڏي پکڙائيبي“

دربار واريءَ ماتا ڀيُرڀائي جي ڪوشش سان ’ضيا‘ جي هڪ ٽي ڏيءَ گوپيءَ جو رشتو ماستر صاحب چندر جي وڏي پٽ گوپ سان جڙيو. دوستي سيٽپيءَ ۾ بدلجي وئي. ماستر چندر ضيا جا رچيل گيت ڳايا ۽ سنڌ ورقي سيٺين وسيامل آسومل ڪشنچند چيلارام ۽ ٻين کي بہ ’ضيا‘ لاءِ سفارش ڪئي. ضيا رڳ ويد جا سنسڪرت شلوڪن جو سنڌي ۾ ترجمو ڪوتا ۾ انواد ڪيا هئا ويد سنڌي ڪوتا ۾ انوادڪيا هئا. سکمني، ڀڳوت گيتا ۽ گرواڻي بہ سنڌي ڪوتا ۾ انواد ڪيا هئا. ڪلاڪار منڊل جي روح روان گوبند مالهيءَ ۽ ڪوئل ڀڳونتي ناواڻي سکمني پنهنجي مٺڙي آواز ۾ ڪئسيٽن ۾ ڳائي ضيا جي ڪوتا کي گهر گهر ۾ پهچايو. هوءَ پاڻ بہ امر ٿي وئي آهي. ضيا جو انواد ٽيل ڌارمڪ ساهتيہ ڇپائڻ لاءِ سنڌ ورقي واپارين پنهنجا ڪيسا کوليا. هن ويدن جي وائي ڪوتا ۾ انواد ڪري سڻائي ۽ سکمني ڀڳونتي ناواڻي جي شانت، انڊلٽي سُرن ۽ آتمڪ رَسُ وٺايو آهي. پرسرام ’ضيا‘ رام پنجواڻيءَ کي بہ هر سال جنم ڏن تي شعر ۾ واڌايون مبارڪون لکي موڪليندو هو. شاعر آتمڪ خزاني ۾ ڪبير هوندا آهن. هن سماج سڌارڪ شاعر جي شخصيت تي تہ اصل روحاني ستگرو ڊاڪٽر سائين روچلداس صاحب شانتي نگر واري صوفي درويش جي صحبت جو رنگ چڙهيو. اپياس گيان ۽ آزمودا اڳ ئي ڪشادا هئس، باقي جو درويشن جي صحبت ۾ من روحاني شعر ڏانهن مائل ٿيس تہ فقيري ڪلام بہ لکيائين ۽ سامي صاحب وانگر مرشد جي نالي ۾ پڙرو ڪيائين. مرشد ’روچل‘ جي رنگ ۾ رنگجي گيتا سکمني وغيره جا ترجما ۾ ڪوتا ڪيائين. روچل سائين ڪان نام جي بخشيش ورتائين ۽ لکيائين تہ:

”عشق جي اوتار کي دائما پرڻام آ
نام جو جنهن وٽ خزانو جام آ.“

ضيا جي مذاقي سياءَ ڪري شعر ۾ طنزيہ بہ آهي ۽ جنهن جي مدد سان گهٽن جا چوڏا لاٿا آٿائين. هو خود پاڻ مان بہ ڪين ٽڙيو آهي لکيائين تہ:

”ڪنهن مان ڪين ٽڙين ٿو پئنهن هجي يا ڪو پرڏان“

وينو آهي ۽ پنهنجي آکهہ لاءِ 'ضيا' لفظ اپنايو آهي ضيا تماهي ادبي رسالو ڪڍندا آهن. جيڪو N.C.P.S.L وارا خريد ڪري ورهائيندا آهن. اِنڊس انڊ بئنڪ مان بہ ۵۰۰۰ هڪ دفعو مالي اِمداد مليل اٿن تہ جيئن 'ضيا' جون اڻ ڇپيل رچنائون ڇپجن.

لڏ پلاڻ کان پوءِ بہ سنڌين ۾ سماجڪ رسمون جهڙوڪ ڏيتي ليتي، جوا شراب وڏيل هيون. اسڪولن ۾ اُنهن خلاف ناٽڪ ٿيندا هئا جن لاءِ 'ضيا' سائين فري پيرڊ ۾ چانه ۽ بيري پيئندي راڳہ ناهي لکائيندو هون جيڪو گوپ روپچنداڻي جيڪو اُتي ماستر هو ناٽڪن ۾ سر ۾ ڳائيندو هو. ڏيتي ليتيءَ لاءِ حقارت هئس جيڪا شعر 'ڏيءُ جو پيءُ ڏانهن خط' مان ظاهر آهي.

''ڏيتي ليتي ونو ڇو گُهري، اِهو اپلائن سان اتياچار آهہ.
نياڻيون نماڻيون وَهي ٿيون وڃائين، اکڙين مان گنگا جمنا وهائين''.

سماجڪ ظلم خلاف پڳوان کي بہ شڪايت ڪيائين تہ ''ڪئي آهين پڏاءِ پرماتما تنهنجي دنيا ڪيو بيزار آهہ ظلم انسان جو انسان تي ڏاڍو ڏرتيءَ تي اتياچار آهہ'' شوو راماڻي جي رهنمائي هيٺ جيڪو اُن وقت جي مشهور گلوڪار ۽ اَداڪار جي ناٽڪ ''دکي سنسار ۾ ضيا هڪ مهاتما جو پارٽ بہ اَدا ڪيو هئائين ۽ مکيہ ڪردار کي آپگهات ڪرڻ کان روڪڻ جو ڪرتب ڪري ڏيکاريائين.

شاعرن جي شخصيت بہ ماضيءَ جي پيڙهين مان خاص اثر جهلي اُپرندي آهي. جيئن تہ پورب جنم ۾ ورتل ڪوشش شاعرن جي سرشٽيءَ ۾ پڌارجڻ کان اڳہ قدرت سندن استقبال لاءِ تياري ڪندي آهي. اَسين پورب جنم ۽ پُنر جنم ۾ وشواس رکندڙ آهيون تي سگهي تہ سندن اڳين پيڙهن ۾ ڪا ڪلا هجي جنهن لاءِ ڪيل اُدم هن پيڙهيءَ ۾ ڦل ڏئي. مانا پتا ۽ ماحول جا سنسڪار، سنگہ جو رنگہ ۽ سماج، سرڪاري ڌرم ۽ پيشي جو اثر شاعرن جي شخصيت تي ٿيندو آهي.

پرسرام 'ضيا' رچناڪار هو تہ سندس دوست ماستر چندر گائڪ ڪلاڪار سنگيت سمراٽ. هي بہ ڪلاڪار هستيون هڪ ٻئي تي سنگہ جو رنگہ لڳائينديون رهيون هيون- سنڌ کان ئي گيت ۽ سنگيت جي پرمپرا قائم ڪيائون. هت اُلهاسنگر ۳ ۾ بہ هو گڏ اَچي رهيا جتي گروگلراج

پيچيدا خيال صاف ۽ سرل سنڌيءَ ۾ رچيا اٿائين. جن مان سندس ڪجهه رچنائون ، ’گيت برهه جا‘‘ جنهن ۾ خاص چونڊ گيت آهن ۱۹۹۷ع ۾ ڇپيو آهي. هي گيت ماسٽر چندر ماستر ڳاتا آهن جن جون ڪئسيٽون رڪارڊ پيريل آهن ۽ عوام ۾ خوب پسند ۽ پرسڌ ٿيل آهن.

ضيا جا گيت غزل ۽ ڪلام اڄ بہ اسان جي حالتن جا ترجمان آهن. سنڌين جي هن شيدائي، گهٽگهري ۽ نسوارئي شاعر جون مذاقي رچنائون اڄ بہ اسين ماڻيندا آهيون. پنهنجي سماج ۽ اُن سان وابسط مسئلن کي قلم جي طاقت سان هوا ڏئي حڪومت کي للڪاريائين. منوهر بيريءَ بہ لکيو آهي تہ ضيا جهڙا انسان ڪڏهين ڪڏهين ۽ ڪنهن ڪنهن جاتيءَ ۾ پيدا ٿيندا آهن. جن جي تيز فهم جذباتي ۽ اُمنگن پري آتما ۾ دل ۽ دماغ کي ڇهڻ جي توفيق آهي. ڪلپنا سان گڏ ڀاوَ ۽ ٻڌي تتو بہ آهن جيڪي پريرڻا جا چشما آهن.

قدرتي نظارن کي ماڻڻ سندس شخصيت ۽ سڀاوَ جو حصو آهن. قدرتي نظارن جي سوڀيا ۾ ايشور جو درشن بہ ڪيائين.

’’تون هجين ۽ مان هجان برسات جون راتيون هجن
باغ ۾ بيٺڪ هجي ۽ بره سنڌيون باتيون هجن‘‘

عشق ۾ وڇورو انتظاري بي قراري آه زاري رسڻ پرچڻ ۽ تڪرار، جيڪي سندس شاعراڻا موضوع آهن، ضيا جي سڀاوَ ۽ شخصيت بابت گهڻو ڪجهه ٻڌائين. ڪوتا ۾ جيئن ڪاليداس جو قاصد ميگهہ آهي تہ ضيا جو قاصد ڪبوتر آهي.

ضيا جي شخصيت ۾ شرارتي ٻار بہ شامل هو. هو ٻارن سان ٻار ۽ وديارٿين سان وديارٿي هو. ڪڏهن گهمنڊ ڪونہ ڪيائين تہ ’’مان وڏو شاعر آهيان‘‘

’’جو زهر آهي مان سمجهان اُنهيءَ کي آبدي-حيات
نہ عرش جي ڪا خبر ضيا آهيان ٻار اَڃان‘‘

سندس شخصيت ۾ شامل ٻار لاءِ باغ بهار ڪتاب ۾ ڪوتائون ظاهر ٿيون آهن جيڪو هندستان ڪتاب گهر وارن ڇپايو ۽ ڀارت سرڪار جي تعليم کاتي پاران -/۵۰۰ روپيہ اِنعام مليس. وشين سان نهڪندڙ چتر اُن وقت جي مشهور چترڪار ٿهل رام رکياڻي تيار ڪري ڏنس.

”ڪي ڪي سمجهن ٿا مست موالي
عقل هوش کان سمجهن خالي ڪي ٿا سمجهن ڇرچاٽي“

ضيا چانهه جي ڇُسڪيءَ ۽ پن جي بيڙيءَ جو شوقين هو. ڪڏهن ڪڏهن سگريٽ بہ پيو ڇڪيندو هو. ۽ لکندو هو:

”سونو هٽان ٿو،
منهنجي قلم کي جوش اَچي ٿو.
وڏن ماڻهن جون وَهيون ٿو کوليان، هلن ٿا جيڪي ڏاڏائي.“

هن ڪويءَ منگهڻ ۽ مهرن کي غريبن جو ساٿي ڪري ليکيو آهي ۽ هڪ شرارتي شعر بہ لکيو آهي مسٽر بي. جي ڪير لاءِ جيڪو ڪجهہ وقت ڪلياڻ ڪئمپ جو ڪمانڊنٽ هو.

”جي هڪ رات هت ڪير صاحب گذاري
سدا لاءِ رهي پوندو هت بئرڪ وَسائي“

نرواسين کي جو ٿري راشن ملندو هو تہ سرڪار سان بہ شرارتي جرچو ڪيائين

”مون کي راشن ۾ کپن سگريٽ ٿا
۽ کپي سونائي کي داروءَ جو وٽو“

لال سائين ۽ يارهين واري پير کي سنڌي مڃيندا آهيون سو سنڌياڻين کي جو نل تي ڪپڙا سٽڻا پيا پون تہ اُنهن جي واتان چوايائين اَيامڪاريءَ وارن لاءِ ”يارهين وارو پير ڪو پڇندن، لال سائين ڪا اُبتي هٽندن.“

عام راءِ آهي تہ جيڪي شخص ٻين جي ڀلي لاءِ گهٽي مذاق ۽ سٽيءَ طنز جو واهپو ٿا ڪن تن جي هن سياوَ جي پٺيان ڪي نجي دکہ درد لڪل هوندا آهن، ’ضيا‘ جي شخصيت بہ اَهڙن اُمنگن ۽ احساسن سان ٿهيل هئي. سنڌين ۾ سڄاڳي آڻڻ لاءِ هر پهلوءَ تي قلم آزمايائين.

١٩٩٩ع ۾ نارائڻ ضيا انڊس انڊ بئنڪ جي مالي مدد سان ”پيغام ضيا“ ڇپايو ۽ ان کان اڳہ ١٩٩٨ ۾ آلاپ ضيا جو ٽيون ڇاپو ڇپيو هو جنهن لاءِ مشهور شاعر عزيز لکيو آهي تہ آلاپ ضيا ۾ خرار مان مُٺ وانگر ٿورا شعر ڇپيا آهن. هيءُ ضيا جي يادگيريءَ جي سلسلي ۾ ٻهريون ڪتاب آهي. ضيا جي زباندانيءَ، محاوريندي ۽ سلاست ڪمال جي آهي.

مِليو ڪندن جو هار!

پائو هيمن (ڪنڊيارو)

مطلب جي هيءَ دُنيا ساري،
سچو ڪري تو ڪير نہ پيار؛
جڏهن گُهريا مون سڱنڌ - پريا گُل،
مِليو ڪندن جو مونکي هار

(١) مُتَ هجن يا سَڳيا سنبنڌي،
آهن سَڀُ موقعي جا يار؛
وقت مدد لئہ جڏهين ٻٽيو،
مليو ڪندن جو مونکي هار!

(٢) مِتر سَيئي پڻِ مطلب جا،
ڪين لهي ڪو ڪنهنجي سار؛
ڪشٽن ۾ مون جڏهن پاڏايو
مليو ڪندن جو مونکي هار.

(٣) ڳولهي ڏٺم هنَ جڳ ۾ سک کي
ڳولهي ڏٺم دِشائون چار،
پِلڪِي پلڪي مِليو نہ ٻيو ڪُجهُ
مليو ڪندن جو مونکي هار!

(٤) مَنش بڻيا آچ مايا - وادي،
چَلِ - وَلِ جي نِتِ اُڻن تا جار؛
گُل - ڦُل مطلب ساڻ چڙهائن،
مِليو ڪندن جو مونکي هار!

(٥) گُروُ مَطلبي، شش بہ مَطلبي،
گيان جو ڪوڙو ڪن پرچار،
ڪوُڙو ٻٽيو سَڀُ جڳ-وهنوار؛
مِليو ڪندن جو مونکي هار!

(٦) سنتن آهي سَدا چَيو سَچُ،
هي جَڳُ آهي، دوَنهي پهاڙ؛
ڪين ملي پَرَ سرجڻهار،
مليو ڪندن جو مونکي هار!

(٧) پِرينِ پَسَڻَ جي آسَ رَکي مَنَ،
پَلِ پَلِ ڪريان، پريت پچار،
چاهيان ڪين رهڻ تو ڏار
مليو ڪندن جو مونکي هارُ؛

(٨) راتيان ڏينهان پريتم سازيان،
اُٿندي ويهندي ڪريان پُڪار
پريتم ”هيمن“ ڪين وِسار،
مليو ڪندن جو مونکي هار

سونهري صفتون

عيَبَ نہ ڪَنهِجا ڪول
هوُ هوُ جي ٻولي ٻولِ
پَردي پوش کي اندر گولِ
رازِقُ رَهبَرُ رِزِقُ رَسائي پيو
دَمَ دَمَ ۾ مَچِهَ مَچائي پيو
پيارَ نِسانِ نِهنُ نِبائي پيو

حق موجود

ويل ويئي موٽي نہ آئي
اي خدا جا بندا غوُر ڪر
الله سائينءَ کي ياد ڪر
هوُ تُنهنجا ٻئي جهان سَڦلا ڪندو .

جنهن جي اوچتي مرتيو ضيا کي وڏو ڌڪو ڏنو هو. بيوس ۽ دلگير ڪانپوءِ ضيا ٻاراٽا گيت لکيا. ۽ ظاهر ڪيو ته سماج سڌارڪ ماستر ڪان پوءِ هيءُ شاعر ننڍڙو گول مٽول ٻار به آهي. جنهن ٻار جي ڪلپنائن کي آڪار ڏنو آهي. باغ بهار جي گيت دال چولا ڍڍل کي اباٽا فلم لاءِ فلمايو آهي.

دادا واسواڻي ڪنوررام هاسانند جادوگر رام پنجواڻي گرونانڪ وغيره جيوننين ڪانسواءِ ''چلڙو'' لوڪ گيت به لکيو اٿائين.

سندس چرچائي سڀاءَ جي جاڻ ڏيندڙ سٽون آهن.

بمبئي جا هوٽل وارا

چانهه ۾ مکه کي ڦوڙو سمجهن پيئڻ وارو پڻ پيو ڏئي اوڪاڙا

ڪنهندا رهندا ڪنگهندا رهندا چنبڙا پيا ڪاڏي ۾ پوندا.

ٻاڻ کي ٿو چوي:

قلم سوچي سمجهي زماني ۾ ڪڻ ٿون

ڪري سڀ جي ساراه ماڻهن کي وڻ ٿون -

ڪٽل آهيون ته به آهيون خان

آسين سڀ سنڌي آهيون مامي نهروءَ جا مهمان.

سندس رچنائن جي ڇپيل ڪتابن لسٽ اڪثر ضيا رسالي ۾ شايع ٿيندي رهي ٿي جيڪي حاضر موجود آهن.

ضيا صاحب جا مزاقي شعر روزانو بمبئي مان شايع ٿيندڙ سنڌي اخبارن هندستان. سنسار سماچار هندو سنسار ۾ جدا جدا مزاقي تخميص سان ڇپبا هئا جيئن ته:

'سيگريٽ باز جا سوٽا - عرف سوٽائي'

'دهل تي ڏئنڪو عرف دهلاري'

'سپاهيءَ جا شخن - عرف سپاهي'

جيڪي عام سنڌي جنتا ۾ خوب وڻندا هئا ۽ پڙهڻ لاءِ تار رهندي انتظار ڪندا هئا ڪجهه اهڙيون رچنائون ''پيغام ضيا'' ڪتاب ۾ شايع ٿيل آهن.

> زندگي ۾ سکه گهٽ. غمي جو زور آ
> دکن کي ڌِڪ. سک پيار جون ڳالهيون ڪر
> نصيبن سان ملي ٿو انسان جو چولو
> پرمارٿ ڪري ''نماڻي'' جنم سنوارڻ جون ڳالهيون ڪر.

پنجواڻيءَ سان پنج ڏهاڙا



هيمراجاڻي ڪرشن ڇينانند

مرحوم پروفيسر رام پرتابراءِ پنجواڻي منهنجو اُستاد هئو. هن مون کي ڪراچيءَ جي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ ٻه سال سنڌي وشيه پڙهائي هئي. اِها ڳالهه سنه ۱۹۴۱ - ۱۹۴۳ سال جي آهي. پروفيسر پنجواڻي منهنجي پتا صاحب وٽ سکر شهر ۾ به پڙهيو هئو. تلڪ ميونسپل هاءِ اسڪول ۾، مگر اِن ڳالهه جي پوري تصديق ڪانه ٿي سگهي آهي، جيتوڻيڪ پروفيسر پنجواڻي پاڻ اِئين چوندو هئو. ڪراچيءَ ۾ جڏهن ٻه هو صاحب، رستي تي، منهنجي پتا کي گڏبو هئو ته اَچي ڪيس پيرين پوندو هئو، جيتوڻيڪ اُن وقت منهنجو پتا رٽاير ڪري چڪو هئو ۽ رام پنجواڻي ڪاليج ۾ پروفيسر هئو. هو منهنجي وڏي ڀيڻ ليلاوتي مانسنگهه بالچنداڻيءَ کي پڻ پيرين پئجي گڏبو هئو - اِها هن جي نهٺائي ۽ مهانتا ڇئبي -

آگسٽ اُٺويهه سؤ ٻاهٺ (۱۹٦۲ع) ۾ مئسور ۾، اُتي جي يونيورسٽيءَ جي وائيس چانسلر، پروفيسر نڪم جي سڏ تي، پي. اي. اين. (پوئٽس، پلي رائيٽس، ايبيٽرس ۽ ايسي اِسٽس) جي ڪانفرنس گڏ ٿي هئي. اُتي سڄي دنيا مان ليکڪ آيا هئا. صرف ٻه سنڌي ڊيليگيٽ هئا، جي هئا رام پنجواڻي ۽ هيءُ بندو. ڪانفرنس پنج ڏينهن هلي ۽ رام پنجواڻيءَ پڻ اُتي پيپر پڙهيو، جو انگريزيءَ ۾ هئو. اِهو ۽ ٻيا سڀ پيپر پوءِ گڏي هڪ ڪتاب جي صورت ۾ پرڪاشت ٿيا آهن، مگر اُن جي ڄاڻ ڪنهن کي ڪونهي.

مان پي. اي. اين جو لائيف ميمبر آهيان ۽ هرهڪ ميمبر کي پاڻ سان ٻيو هڪ ماڻهو مهمان طور وٺي اَچڻ جي اِجازت مليل. منگهارام ملڪاڻي ۽ آسانند مامتورا پڻ ميمبر هئا. مگر اُهي اِن ڪانفرنس ۾ ڪونه شريڪ ٿيا هئا. خبر ڪونهي ته ڇا

سِنڌُ ۽ سِنڌي

ڪرشن ”راهي“

وَطن جي لَءِ جان، گهوري، پوءِ بہ ٿوري،
سِنڌين جانِ نہ گهوريِ، وَطن گهوري آيا.

• وطن گهوري آيا، هاڻي رَتُ روئن،
پنهنجا وَري پَسَڻ لِئہ، تِنِ جا نيڻ سِڪن
ٻيريوُن، ڪَہَڙ، ڪجَيونِ، هِتِ ڳولهيندي نَہ مِلن،
ماڻهوُ هِتِ بہ ٿين، پَرَ اَسانجا ڪي ٻيا هئا.

• اَسانجا ڪي ٻيا هئا، جِنِ سان هئا نينهن،
اوسيڙائي اُنهن جا رَهَنِ راتيان ڏينهن؛
اَڪين سندا مينهن، مُندَ نَہ ڏِسن مهلڪا

• مُند نہ ڏِسن مهلڪا، اَندر جون آهوُن،
مُلڪ موٽي وَڃڻ جون، ٻَندِ ٿيون واهون؛
سي دليون ڪَنِ دانهوُن، وَطن ويو جِنِ هٿان.

• وَطن ويو جِنِ جي هٿان، ناهي تِنِ آرام،
ڪڏهن وِسري ڪينڪي ڪنهنڪان پنهنجو گام؛
نديون هِتِ بہ جامُ، پر سنڌوءَ ۾ ڪو ساهُ ٿين.

• سنڌو ۾ ٿين ساهُ، جو سنڌوُ پائئن ماءُ،
پنهنجا نيٽ پنهنجا، ڌارين ڪهڙو ساءُ!
ڪهڙو لڳو واءُ، هِڪڙا هٿي ٻيا هِتي؟!

• هڪڙا هٿي ٻيا هِتي، سنڌي ٿيا ٻيئي،
پر هِڪِڙا سِنڌي ڏيهي، ٻيا پَرِ ڏيهي
ماڻهو هِڪڙائيِ، پَرَ رهن راڄن ٻِنِ ۾!

• رهن راڄن ٻِنِ ۾، ڪي سِنڌ تہ ڪي هِندَ،
مِٽيِ جا هڪ مُلڪ جي، جُڙيل تنهنجي جندُ،
سي ڇا ڄاڻنِ سِنڌُ، جيڪي هِتَي ڄَميا،

• جيڪي هِتي ڄميا، سي پِي سنڌي سڏبا،
سِنڌي ٿي بہ سِنڌ ڪي ڏسڻ ڪان سڪندا!
ڌارين وانگيان جڏهِنَ، سنڌُ وڃي ڏسندا،
ماڻهوُ اِئين چوندا تہ سنڌي آيا سنڌ ڏسڻ!

غزل

ڀڳوان نردوش (اَحمدآباد)

اَھڙي ڪا، اَڄ لڳي، ھوا آھي،
ڪوڙ ھرڪو چوڻُ روا آھي!

(۱) گُل مِثل، مُرڪ ڪنھن کي ئي ھوندي،
چڻ لُڀائڻ جي سا، اَدا آھي؛

(۲) مِٺا جڳ جا سھڻ ڪم ڪنن آ،
مرڪ منھن تي ھئڻ، سخا آھي؛

(۳) جي وڏي، واڪ سان، چون سَچُ تا،
تِنِ جو راکو رُڳو خُدا آھي!

(۴) ڏاڍَ جو، ناچُ ننگو ڏسجي پيو
بي حيائي تہ جا بجا آھي!

(۵) مُفت آڪڙ ۾ آدمي اُڏرن
وقت جي، ھي نئين، فضا آھي؛

(۶) شاعري ڏات آ، تہ فن يي آ،
ڪنھن ڪلاڪار جي ڪلا آھي؛

(۷) ميل ميلاپ اَڄ، ڪِٿي ''نردوش''
ماڻھون ماڻھوءَ کان، جُدا آھي!

''اَدب''

اَدب ماڻھوءَ جي اَندر جي واردات آھي. ماڻھو، دنيا ۾، جيڪي بہ تجربا ڪريٿو ۽ ساڻس جيڪي وَھي - واپري؛ تو اُنکي فنائتو روپ ڏيئي اَديب ۽ ليکڪ پنھنجي لکڻين ذريعي ظاھر ڪريٿو بين لفظن ۾ اِئين بہ چئي سگھجي ٿو تہ اَدب پنھنجو پاڻ سان ڳالھائڻ ۽ پنھنجي اَندر کي سنوارڻ سڌارڻ جو عمل آھي. اِئين ٿي چئجي تہ اِھو ڪٿا - رس جو اَھڙو عمل آھي؛ جنھن جي وسيلي ھڪ فرض، بين ماڻھن سان پنھنجا ڏک - سور ونڊي پاڻ ھلڪو ٿي وڃيٿو -

ھيرو شيوڪاڻي (آديپور)

جي ڪري مون رام پنجواڻيءَ کي نينڊ ڏني ته هو منهنجو مزمان ٿي هلي، مگر هن جي خواهش هئي ته هو ڊيليگيٽ ٿي هلي، ڇوته مزمان کي ڪانفرنس ۾ حصو وٺڻ جي اِجازت ڪونه ٿيندي آهي. مون ۽ پروفيسر ملڪاڻي اِن باري ۾ ڪوشش ڪئي گڏجي. پوءِ معلوم ٿيو ته ڪنهن زماني ۾ رام پنجواڻي پي. اي. اين جو ساليانو ميمبر ٿي رهيو آهي، ليڪن چندو نه ڀرڻ ڪري سندس ميمبري ختم ڪئي ويئي هئي. رام پنجواڻيءَ سڀ بقايا رقم ڀري ڏيڻ جي خواهش ظاهر ڪئي ۽ اِن طرح اَرچڻ دور ٿي، ڇوته ميمبر ٿيڻ لاءِ ڪافي وڏو عرصو پيو وڃي، جو اُهو مئنيجنگ ڪاميٽيءَ ڪان پاس ڪرائڻو پوندو آهي ۽ اُها ڪاميٽيءَ مقرر وقت تي ئي پنهنجي ميٽنگ ڪندي آهي ۽ اُن ۾ اَنيڪ معتبر ميمبر طور ٿاقيل هوندا آهن، جن کي نوٽيس ڏيڻ ضروري آهي.

رام پنجواڻي ٻين ڊيليگيٽن سان گڏ ڪونه رهيو. هو پنهنجي هڪ سنڌي متر جي گهر ۾ رهيو. پنج ڏينهن ڪانفرنس هلي ۽ سيتڪ ۽ ساهتڪ وشين تي خيالن جي ڏي وٺ ٿي. ڀارت جي سڀني ٻولين جا ليک ۽ نقاد اُتي آيل هئا، جن سان ويجهڙائي سان گڏجڻ ۽ ڪائڻ پيئڻ جو لطف پراپت ٿيو. رام پنجواڻيءَ سان سڄو ڏينهن، صبوح کان وٺي دير رات تائين، گڏ رهڻ جو سٺو موقع مليو، جو سڄي عمر ياد رهندو. گرو ۽ شش جو ناتو بدلجي هڪ سٺي دوست جو ناتو بڻجي پيو ۽ رام پنجواڻيءَ سان هتي بمبئيءَ ۾، پڻ اُن جو سلسلو جاري رهيو. رام پنجواڻيءَ جي چوڻ تي مون سندس هڪ سنڌي ڪهاڻي ”لوفر“ اَنگريزيءَ ۾ ترجمو ڪئي، جو اُتي آيل هڪ ڊيليگيٽ اَهڙو عرض ڪيو هئو. اُها ڪهاڻي هڪ اَنتر - راشٽريه ماهوار مخزن ۾ ڇپي هئي، جنهن جي هڪ ڪاپي مون پروفيسر پنجواڻيءَ کي ڊي. جي. سنڌ ڪاليج ۾ روبرو وڃي ڏني هئي. خبر ڪونهي ته اِها ڪهاڻي هاڻي ڪٿي ؟ اُن کي وري ڇپائي رام پنجواڻيءَ جي ياد تازو ڪرڻ گهرجي. اِن باري ۾ مون سندس ساهتڪ وارث کي پڻ لکيو هئو، مگر ڪاميابي ڪونه پراپت ٿي. ●

عوام جو شاعر پرسرام ’ضيا‘ مقالو : ۱

ليکڪا - دادي سريتا ديوداس شرما، ممبئي

ڏات نہ آهي ذات تي ڪنهن ڪي بہ ڏئي
ڇا حجت هلندي ڀلا ڏاتار سان
ساز - دم جون بي اَثر تارون اَٿم
راڳ ريجهي بي سريلي تار سان

پرماتما پنهنجي ڏات ڪن نصيب وارن ڪي ئي عطا ڪندو آهي. جنهن تي ڏاتار جو ڪرم ٿئي سو پاڻ تہ روشن ٿئي ٿو پرَ دنيا ۾ بہ پنهنجي فن يا ڪلا جي روشني پکيڙي صدين تائين پنهنجي ياد قائم ڪري ٿو.

شاعر پرسرام ضيا کي بہ پرماتما ننڍپڻ ۾ ئي ڪا شاعري جي ڏات ڏيئي ڇڏي هئي. ڏهن سالن جي ننڍڙيءَ عمر ۾ هو پنهنجا ننڍا ننڍا گيت ڳاهي ونندو هو. سندس پهريون شعر حيدراباد سنڌ جي هفتيوار اَخبار ’آفتاب‘ ۾ ڇپيو. جنهن جو سمپادڪ هو نانڪرام ڌرمداس ميرچنداڻي اُن وقت ضيا جي عمر هئي ۱۴ سال. ضيا ننڍي عمر کان ئي شاعريءَ ڏانهن مائل رهيو. سنڌ ۾ هو هڪ پريس ۾ ڪمپازيٽر جو ڪم ڪندو هو. پريسن ۾ ڪيترن ئي مشهور شاعرن جا ڪتاب ڇپجڻ لاءِ ايندا هئا؛ جن کي پڙهندي بہ هن جي شاعريءَ جو شوق وڌندو ويو.

پرسرام سنڌ ۾ پنهنجي شاعريءَ لاءِ پهرين ’پرسو‘ ۽ پوءِ ’رنجور‘ تخلص رکيو. اَلبت پهريائين جي گهڻي شاعري اُن وقت جي روايت موجب عربي ۽ فارسيءَ جي اَثر هيٺ لکي هئائين. جنهن جي ٻولي ڪافي ڏکي هئي، تنهن ڪري ايتري عام فهم نہ ٿي سگهي. هن جي رنجور تخلص جون ڪجهہ ڪويتائون آهن :

ڪٿان رات ڏينهن انتظاري لڳي آ
ڪٿان صبر ’رنجور‘ کي ياد ايندو.

مان هيس، فاقو هيو ۽ رنج هو، ’رنجور‘ هوس،
غم جي بستين ۾ رهيس ٿي، راحتن کان دور هوس
مون کي زردارن حقارت سان ڏٺو اِن واسطي

غزل

دیوي ناگراڻي (ممبئي)

پنهنجو پنهنجو پيو چئي ڪوئي اُٺي ڏينهن رات تو
سال گذريا پوءِ پتو پيو ڪئن ڦري ڏينهن رات تو.

• تُنهنجي غم کي جنهن ڏسي پنهنجو وساري غم چڙيو
جاڳي راتيون سو دُعائون اڄ گهري ڏينهن رات تو.

• برهہ جو آ مرض کهڙو تون نہ تو چاٽين اِهو
پڇ اُنهيءَ کان جو وِڇوڙي ۾ اُڇي ڏينهن رات تو.

• ڪا وِٿي پائين نہ جي واقف هجين هر رِاهہ کان
دک ک شک سمجهي اُهو جنهن تي هلي ڏينهن رات تو.

• پنهنجو دُشمن پاڻ ئي هرڪو بڻيو آهي هِتي
هر اَڌوُري آس ۾ ڦٿڪي مَري ڏينهن رات تو.

• نوڪرن تي نوڪرون جنهن کي ڏنيون قسمت، اُهو
آزمائش جي عبث ڪوشش ڪري ڏينهن رات تو.

• بي اَثر هرڪا دوا، هرڪا دُعا جنهن لئِہ هجي
درد کي دارون ڪري سوئي پئي ڏينهن رات تو.

• سُڻَ ۾ ويهي ڀُڏ اُها 'ديوي' صدا پنهنجي اَندر
ماڻِ جي ٻولي مِٺي ڪوئي چوي ڏينهن رات تو.

ٻولي

ٻولي هڪ وهندڙ درياهہ آهي، جهتيم ٻين ٻولين جا وهڪرا نہ ذور سان ڪاهي ٿا اَچن؛ جيڪي اُنکي پرپور ٿا ڪن. پر اُهي وهڪرا اَهڙا زوردار هجن جو ٻوليءَ جو سِٺاءُ، اِستعمال وياڪرڻ ئي بگاڙي ڇڏي تہ ڏاڍي ڏکوئيندڙ ڳالهہ ٿيندي؛ ڇو جو سَمي پَڇاڻا، ٻولي ڇون ڇون جو مَربو ٿي ويندي ۽ سندس ساءُ - سواد گم ٿي ويندو -

- پرمو

پريس ۾ نوڪري ڪندي پرسرام جي اُن وقت سنڌ جي هڪ مشهور عالم شاعر شيخ مراد علي ’عاظم‘ سان ٿي. اُن جي صحبت ۾ هن جي شاعري وڌيڪ پختي ٿيندي ويئي. ڪيس بحر ۽ وزن جي ڪافي ڄاڻ پئي. پر سندس شاعري وڌيڪ ڏکي بہ ٿيندي ويئي ڇو تہ اُن وقت سنڌي شاعريءَ تي پارسي ٻولي جو ڪافي اَثر هو ۽ اُن اَثر کان هو پاڻ کي آجو ڪري نہ سگھيو. ’رنجور‘ اُستاد شاعر هن تي نئون تخلص رکيو ’ضيا‘ جيڪو پڇاڙيءَ تائين هن سان جڙيل رهيو. ’ضيا‘ معنيٰ روشني، اِئين پرسو ۽ رنجور مان بدلجي شاعر ’ضيا‘ پنهنجي شعرن جي نئين روشني ڦهلائڻ لڳو. اُن وقت هن جي واقفيت ڪيترن ئي وڏن شاعرن سان ٿي؛ جن ۾ ليکراج عزيز، سدارنگاڻي خادم ۽ ٻيا هئا.

١٩٤٢ ۾ پرسرام ’ضيا‘ جي شاعريءَ جو نئون مجموعو ’تصوير اَحساس‘ شايع ٿيو. جنهن جي سڀني ڏاڍي ساراهہ ڪئي. اُن وقت جي هڪ وڏي عالم -عمر بن محمد دائود پوٽي هن جي ڪتاب لاءِ لکيو ضيا جو شعر هڪ جديد نموني جو جذباتي ۽ وجداني آهي. زير اِضافت ۽ بڪثرت ڪم آندي ويئي آهي. تہ بہ اُن ۾ جيڪي خيال سمايل آهن سي بديع (فن ۽ وزن تي صحيح) ۽ بي نظير آهن ۽ شاعر جي اَحساس دل جو ائينو آهن. اُنهن مان بي تابيءَ جي جهلڪ نظر اچي ٿي. اُميد تہ اَهڙي قسم جو ڪلام مستقبل جي شهر جو پيش خيمو بڻجي نو خيز شاعرن لاءِ چڱو مثال ثابت ٿيندو.‘ اِن مجموعي تي ضيا کي سنڌ اَدبي بورڊ جو اِنعام پڻ ڏنو ويو. اِن مان ۽ سمان ملڻ سان ضيا جو اَدبي دنيا ۾ ڏاڍو نالو ٿي ويو. هن کي هز ماسٽر ماسٽر وائيزس ۽ ڪولمبيا رڪارڊنگ ڪمپنيءَ مان گانن لکڻ جي آڇ ٿي ۽ ضيا اِنهن ڪمپنين لاءِ گيت لکڻ لڳو. هن جا لکيل گيت سنڌ جي ڪيترن ئي ڳائيندڙن جيئن تہ ماسٽر پرمانند، ماسٽر مکڻ، ڀڳت موٽڻ، ڄاڙا رام جيوٽيءَ ۽ ٻين ڪيترن ئي پنهنجي سرن ۾ پيش ڪيا. پر سڀني کان وڌيڪ جيڪي گانا مقبول ٿيا سي هئا پرسرام ضيا جا لکيل ۽ ماسٽر چندر جا ڳايل ٻول ضيا جا ۽ سر چندر جي سريلي سنگم جو اَهڙو تہ سيلاب آيو جيڪو سنڌ جي گهر گهر تائين ڦهلجي ويو جيئن تہ :

(١) دل آهي هٽن ۾ تو خريدار کي ڳولهيان
بازاري محبت ۾ تو طلبگار کي ڳولهيان

چو تہ مفلس هوس، بي زر هوسي، مزدور هوس.

مٿيس شعر ۾ هن پنهنجي مفلسيءَ ۽ غريبيءَ جي تصوير پيش ڪئي آهي. هن سڄي عمر غريبيءَ ۾ گذاري. جنهن جو کيس ڪافي افسوس بہ هو.

غم سهندي سهندي غم جا هيراڪ ٿي پياسين
کهڙي خوشي پڇو ٿا غمناڪ ٿي پياسين.

پر کيس پنهنجو پاڻ ۾ وشواس بہ کو گهٽ ڪانہ هو. پنهنجي آتم وشواس جي سهاري پنهنجي تقدير کي بدلائڻ جي قوت بہ هن ۾ هئي تڏهن تہ چيائين :

تدبير سان تقدير بڻائي ٿو سگهان
غم پنهنجو چاهيان تہ گهٽائي ٿو سگهان
پر ڪاتب-ي.تقدير جي عزت ٿو رکان
نہ تہ آءٌ لکيو تنهنجو مٽائي ٿو سگهان.

ورهاڱي کان اڳہ سنڌ ۾ پرسرام رنجور جي شاعريءَ جو پهريون ڪتاب 'گلزار رنجور' شايع ٿيو. جيتوڻيڪ هن ڪتاب ۾ بہ فارسي ۽ اُردو جا ڪافي ڏکيا اکر ڪتب آندا هئائين پر تڏهن بہ کي ڪويتائون سرل بہ هئس جيئن تہ -

آسان کي صرف نالي واسطي ئي ليڊري گهرجي
نہ مطلب قوم سان ۽ نہ وطن جي بهتري گهرجي.
ڏکو چوغو ڏکهي ٽوپي چڙي ڇا واسطي ڏيان مان
مون کي چندي منجهان هڪ ڳوٿري ناڻي پري گهرجي
ڏنڏي جو حال هٽيو ٿيو، ملڻ ٿي نوڪري مشڪل
تڏهن مان ٿو چوان مون کي ٿي اڳواني وري گهرجي.

''گلزار رنجو ڪتاب' ۾ لکيل هيءَ شعر ورهاڱي کان بہ اڳہ جو لکيل آهي پر سياستدانن جي متورتي هيترن سالن گذرڻ بعد اَڄ بہ ساڳي آهي. هيءَ شعر اَڄ جي حالتن تي بہ بلڪل نهڪي ٿو اَچي. شاعر پنهنجي وقت جي ترجماني تہ ڪري ٿو پر ايندڙ وقت جا اِشارا بہ پنهنجي شعرن ذريعي ڏيندو ٿو وڃي. اَهڙو ئي شعر لازمان ۽ لامڪان بڻجيو پوي.

ضيا کي بہ سنڌ کي ڇڏڻو پيو ۽ ڪلياڻ ڪئمپ ۾ اَچي نڪاڻو ڪيو. سنڌ مان اَچڻ ڪانپوءِ سنڌين جي جيڪا دردشا ٿي. سا ڪنهن کان وسرڻ جي نہ آهي. ماڻهن کي ڪئمپن ۾ جانورن وانگر رهڻو ٿي پيو. ملٽريءَ جي بئرڪن ۾ بنا درن جي ماڻهو سٿيا پيا هوندا هئا. جن وٽ زندگي جي بيحد ضروري حاجتن لاءِ بہ ڪو نڪاڻو ڪونہ هو. سنڌ مان جيڪا عزت بچائي آياسين سا جڻ هتي پڌري ٿي پيئي. نڪا شخصي نيويڪلائي هئي ۽ نہ خلاصگائي. ماڻهن وٽ نہ اَن هو ۽ نہ ڪم هو. راشن جي قطار ۾ ڪلاڪ بيهڻ ڪانپوءِ بہ جانورن جي کائڻ جهڙو اَن ملندو هو سو بہ اڻپورو. اهڙين حالتن شاعر ضيا جي من کي بيحد ڏکوئي ڇڏيو. اِنهن حالتن تي هن ڪيترائي حقيقي شعر طنزي نمونې لکيا جيڪي بمبئي جي سنڌي اَخبارن ۾ 'سوناٽي' ۽ سپاهي جي تخلص سان ڇپجندا هئا. ماڻهن کي روٽي روزيءَ لاءِ رلندو ڏسي لکي ٿو ؛

جبلن تي ٿا جٽيون گسايون
لوهہ جا بوٽ وٺي کي پالون

اُن وقت ڪئمپن جي حالتن تي نظر ڪندي ٿو لکي.

مٽي تان مون کي هڏائڻ جي خاطر
مهر آيا منهنجو ڪٽولو پڄائي.
منگهڻ ۽ مهر سان ٿيا خوب ميلا
سڙي ۽ پڄي ويئي هوا موڪلائي.
مهر ٿيا سهايا مون سوناٽي خاطر
جو هڪ شعر ناهي ڇڏيم - ننڊ ڦٽائي.

سنڌ جي جدائي جو درد ۽ هتي سنڌين جي دردشا ۽ ذلت جو اِظهار جنهن شدت ۽ دل جي درد سان ضيا ڪيو آهي، اهڙو ڪنهن بئي ورلي شاعر ڪيو هوندو. اُن وقت ماڻهن جي دردناڪ حالتن، سياسي حالتن ۽ شرنار ٿين جي دکہ دردن جو ذڪر ضيا پنهنجي هڪ گيت پئغام ضيا ڪتاب ۾ ڇپيل آهي 'پٽي تي پو هوءِ ماءُ' ۾ ڪيو آهي. جيڪو هڪ يادگار گيت آهي -

پنهنجي شاعريءَ جي ذريعي ضيا پنهنجي وقت جي هر مسئلي تي طبع آزمائي ڪئي. هو سچي اَرٿ ۾ جنتا جو شاعر هو. هن ديش ۽

(۲) تنهنجي شهر ۾ آيس قسمت سان
پر سهڻا ڪين رهايو تو
(۳) دل هنجي منهنجي هڪ آ
ڏاڍي آسان ٻنهي ۾ سڪ آ ...
(۴) سهڻا پنهنجي اکين کي جهل تون
اِهي تير نه پل پل هڻ تون.
(۵) ڪبوتر ڪبوتر ڪبوتر ڪبوتر
خبر هيءَ ڪٽي وڃ عقل جا اَڪابر.

اِهي نغما سنڌ جي گهر گهر ۾ گونجڻ لڳا. ڪنوررام ۽ هوندراج دکايل جي گيتن کانپوءِ ضيا ۽ چندر جي گيتن سنڌ وارن تي اَصل جادو ڪري ڇڏيو. ضيا جي گيتن جا ڳايل ماسٽر چندر جا رڪارڊ اَصل هٿون هٿ وڪامجي ويندا هئا. ڳوٺن جي غريب هارين کان وٺي زميندارن-وڏيرن-ديوانن-پروفيسرن دڪاندارن ۽ گهورڙين جي دلين ۾ هنن جي سنگيت سٽڻ جي بيقراري هوندي هئي. اَهڙي طرح ضيا ۽ چندر جي جوڙي پهرين سنڌ ۾ ۽ پوءِ هند ۾ به لوڪ پريه بڻجي پيئي. هنن ٻنهي هڪ ٻئي سان نباهيو به توڙ تائين ٻئي. جڻ هڪ ٻئي جا پورڪ بڻجي پيا.

'ضيا' صاحب ڪو تمام گهڻو پڙهيل عالم ۽ فاضل ڪونه هو. هن کي شاعريءَ جي اِلاهي ڏات عطا ٿيل هئي. هو جيڪو گيت لکندو هو ماڻهن ۾ لوڪپريه ٿي ويندو هو. سنڌ ۾ بيوس ۽ عزيز کان پوءِ ضيا هڪ اَهڙو شاعر پئدا ٿيو جنهن سنڌي ڪويتا کي نئون موڙ ڏنو ۽ نون شاعرن لاءِ نيون واٽون گهڙيون. اُنهن جي رهنمائي ڪئي.

۱۹۴۷ ۾ هندستان جو ورهاڱو ٿيو ته هندو سنڌي دربدر ٿي ويا. پنهنجا مڪان، ملڪيتون، کيت، زميون ۽ اَباڻا اَجها ڇڏي سنڌين کي سنڌ ماں لڏڻو پيو تڏهن شاعر جي دل روئي چويٿي :

وطن کان جدا ٿي لڏيندا وڃن ٿا
پکي باغ پنهنجو ڇڏيندا وڃن ٿا
هئه هئه پکا پراڻا - هئه هئه وطن جا ٿاڻا
هئه هئه مٺا اَباڻا

بدتر کي ڇوٽو تو پوي بهتر اَلائي ڇو؟

جيون جا ملهہ ۽ آدرش ختم ٿيندا ٿا وڃن. ماڻهن مان ماڻهپو ختم ٿيندو ٿو وڃي -

حقيقت جي منزل تان ماڻهو ڪري پيو
فقط ديڪا ديکيءَ تي هرڪو هِري پيو.

’ضيا‘ سماج جي اَميريءَ ۾ غريبيءَ جي فرق کي بہ ڏٺو. ڪٿي ڪا برابري ڪانهي. اَميري ۽ غريبيءَ جي ڪاهي وڏيڪ گهري ٿيندي ٿي وڃي. اِن نابرابريءَ لاءِ ضيا چيو آهي -

روشني آهي اَميرن لاءِ، غريبن لاءِ اُماس
ديپ مالا سان سندن دل کي جلايو تو وڃي
هڪ ڇٽو آهي خوشيءَ ۾ سو ڇٽا آهن اُداس
اَڄ خوشيءَ جي رات جو نالو لڄايو تو وڃي.
هڪ طرف رودن ۽ سڏڪن ۾ ٿي پوري رات ٿئي،
ٻئي طرف عيش ۽ خوشيءَ جو راڳہ ڳايو تو وڃي

واپاري ۽ وياج خور جيڪي غريبن جو رت ٿا چوسين تن کي بہ ضيا ڪونہ ڇڏيو آهي - چوين ٿو -

او واپاري او وڻجارا -
ڪوڙ ڪپٽ ۽ حرص هوس جا وينو هٽ هلائين
ڪوڙا قسم کڻين تو هر هر ماڻهن کي ڀنيلائين
چار ڏهاڙا هيءَ ڀنيلائڻ، پوءِ اَئيئي کڪہ ڪارا - او. وڻجارا

ضيا صاحب پنهنجي يگہ جي پنهنجي ڪاويہ ۾ پوري پوري ترجماني ڪئي آهي. محاوري دار، سپڪ ۽ سوَلي ٻوليءَ ۾ عوام جا مسئلا، اُمنگہ آزمودا ۽ عقيدا شاعرائي نموني پيش ڪيا آهن. اِن ڪري ئي ضيا عوام جو هر دل عزيز شاعر بڻيو. هو ڇڻ اِنساني دلين مان پيهي نڪتو هو.

اِئين نہ آهي تہ ضيا صرف غريبن جي ادکن ۽ دانهن تي شعر لکيا پر هن اُنهن بيوسن ۽ ڏتڙيل جي دلين ۾ پنهنجي شعر ذريعي آشا جي جوت جڳائي. هنن جي اندر ۾ نئون جوش ۽ جولان بہ پريو. تدبير

سماج ۾ ڦهليل ڪرسمن ۽ ڀرشٽاچار جي دل کولي نندا ڪئي. سماج ۾ ڦهليل رشوت لاءِ 'ضيا' ساجن ۽ سڄڻيءَ جي خط ذريعي چيو آهي -

مهانگائي ۽ چور بزار آهي
لکن ڏوهه، رشوت جو وهنوار آهي
سچو ٿو روئي زور زر دار آهي
عملدار به اُن سان مددگار آهي
ٻڌي ڪير مفلس جي فرياد سڄڻي
مون کي ڇڏ وساري نه ڪر ياد سڄڻي.

ٻئي هنڌ پئسي وارن جي طاقت جو ذڪر ڪندي چويٿو -

ملڪ ٿيو آزاد ۽ آباد ٿيا سرمائيندار
جن کي زر جو زور سي ڪن ٿا راڄ ڪمزور تي
بيوسن تي آهي وس وارن جي ڏاڍائي اَجان.

ڏيتي ليتي اَسانجي سَماج ۾ هڪ ڪهنو مرض آهي. جنهن جي ڪري ڪيتريون ئي وڏور نياڻيون ڪنواريون رهجي ٿيون وڃن. غريبن جون سلڇڻيون ڇوڪريون به بنا ڏيتيءَ ليتيءَ ڪٿي نٿيون اڳهامن پنهنجي شعر ڏيءَ جي پيءُ ڏانهن خط ۾ ضيا اِن دلسوز نمونې ذڪر ڪيو آهي - ڪجهه سٽون آهن.

ايءَ منهنجا پيارا پتا، اَڄ موڪلائي ٿي وڃان
موُت کان اڳهر مري منهنڙو مٺائي ٿي وڃان
سوُ سوا تنهنجي ڪمائي پر گهرن ماڻهو هزار
سوارٿي سنسار کان دامن بچائي ٿي وڃان
دانهن داور کي 'ضيا' ڏيندس اوس اَنياءَ جي
اَڄ سيئي فرياد سيني ۾ سمائي ٿي وڃان

سماج ۾ ڪوڙو شان يا ڏيکاءُ وڌي ويو آهي. اِنسان ٻهروپي بڻجي پيو آهي. اَندر ۾ هڪڙي ته ٻاهر ٻي ٿو ٻولي. هر جڳهه ڍونگ پيو هلي - اِن ڏانءِ ضيا چيو آهي -

تو ٿئي پٿر تي هيري جو گمان
ڏيکه تي ڀلجي پيو آهي جهان
دل ۾ هجيس هڪ ته زبان سان ڳالهه ٻي ڪري.

خواب انگريزي پيو هرڪو لهي
اَصل وسريو نقل تي ڪن ناز ٿا
ڪَنَ پراوا پر ڪٽي پرواز ٿا

ضيا جو نہ صرف سنڌي ٻوليءَ سان لڳاءُ هو پر سنڌ جي شاعرن، سنتن، درويشن لاءِ بہ دل ۾ عزت ۽ اَحترام هو. هن شاهہ، سچل ۽ سامي تي بہ پنهنجا شعر لکيا آهن - شاهہ صاحب کي شاعريءَ جي بادشاهہ جو درجو ڏيندي 'ضيا' چيو آهي :

-ياد آهي ياد شعرو شاعريءَ جو بادشاهہ
سنڌ کي ڏئي ويو دولت سخن جي بي پناهہ
شاهہ صاحب ٻاري ويو علم جا روشن ڏيئا
اي 'ضيا' اَڄ ٻي ڏسون ٿا جا بجا اُنجي ضيا

- سچل جي شان ۾ چويٿو
درازن جو رتبو وڏائي هليو ويو
زمين جنهن جي اَظهر بڻائي هليو ويو
محبت جا نغما ٻڌائي هليو ويو
سچوُ ساز سڀ جا وڄائي هليو ويو
درازن جي مٽي تي اَڄ مانُ پائي
سندس خاڪ هرڪو ٿو مستڪ سان لائِي.

- سامي کي پرڻام ڪندي چوي ٿو :-
تو ڪري ڪرپا زماني کي ڏنو آتم ڏن،
ڏن اُهو، جنهن جي نہ قيمت جو ٿئي ڪٿن
قوم کهڙي بہ هجي، ڇا بہ هجي ذات ۽ نام
سنڌ جا سنت سچا، توکي اَسانجو پرڻام.

ضيا صاحب سنڌ جي لوڪ ڪهاڻين جيئن تہ مومل راڻو، سسئي پنهو، عمر مارئي ۽ سهڻي ميهار تي بہ ڪيترا شعر لکيا آهن. جيئن مارئي پنهنجي ملير ۽ سانگيڙئن کي ياد ڪندي چوي ٿي :
مان سانگيڙين کي ساريندس پنوهارن کي پڪاريندس
''ڏنارن سان دل آهي هنجون تن لاءِ هاريندس.
- هٿي هنڌ سسئي واتان چوايو اٿين :

سان تقدير کي بدلائڻ جو نسخو بہ ڏنو لکيئو:

نہ هرگز ڀاڙ قسمت تي، عمل ڪر پاڻ سان شامل
اُدم سان زور سان تقدير جو مالڪ ٿيڻ گهرجي
اُمنگن ۽ خيالن ۾ 'ضيا' ٿئي زندگي پيدا
اَچي نوبت نہ شيشي سان پٿر کي پيڻ گهرجي،

'ضيا' آشا وادي شاعر هو. هن کي وشواس هو تہ عام جنتا جڏهن علم پرائيندي ۽ ڪيس پنهنجن حقن جي ڄاڻ پوندي تڏهن سماج ۾ ڪا بي اِنصافي ڪانہ رهندي. ڪير ڪنهن جو حق ماري نہ سگهندو. بس علم جي روشنيءَ جي ضرورت آهي.

ملڪ جي اُجڙيل چمن ۾ علم جي ايندي بهار
هر بشر جي خودبخود ٿيندي حياتي خوشگوار
ڪنهن کي ڪو شڪوو نہ رهندو ۽ نہ رهندي ڪا ميار
هر خوشيءَ تي هر وطن واسيءَ جو رهندو اِختيار
اوچ جو ۽ نيچ جو ٿيندو تفاوت دور سڀ
سکہ سندي سنسار ۾ ٿيندا ضيا مسرور سڀ.

سنڌ مان اَچڻ ڪانپوءِ سنڌي ٽڙي پکڙي الڳہ الڳہ شهرن ۾ ڦهلجي ويا. اُهو وقت اَهڙو هو جو جنهن کي جتي روزي روٽي ٿي ملي اُتيئي پنهنجو ٺڪاڻو ٺاهي ٿي ويٺا. اِن جو نتيجو اِهو نڪتو جو سنڌي مڪاني ماڻهن جي اَثر هيٺ سنڌين ۽ سنڌي ٻوليءَ کان دور ٿيندا ويا. مائٽ ٻارن کي انگريزي اِسڪولن ۾ پڙهائڻ جا حامي بڻجي پيا - اَهڙين حالتن کي ڏسندي 'ضيا' اَڄ کان ۵۰ سال پهرين سنڌيت جي خطري کي ڀانپي ورتو. پنهنجي هڪ شعر ''شاه سان سپني ۾ ڳالهيون'' جي ذريعي ضيا اِنهن حالتن جو ذڪر ڪيو آهي.

مون چيو : آهيون سياست جا شڪار
هڪڙا هتِ ۽ ٻيا هتي پهچي ويا
ڀوت مذهب جو ٿيو سر تي سوار
بمبئي ۾ اُلٽي ڱنگا ٿي وهي
هرڪو سنڌي سنڌي ٻوليءَ کان ٿهي
ڪانوينٽ اسڪول ۾ ٻارن جي ڀيڙ

صاحب جو پڻ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. جپ صاحب ايڪو آنڪار لاءِ ضيا لکيو آهي -

قائم دائم جڳ ۾ آهي ايڪو اوئنڪار
نام سچو ۽ پاڻ سچو آ، پالي ٿو سنسار

هندو سنسڪرتيءَ جا آدي گرنٿ آهن ويد. سنڌو جي ڪناري تي ئي رشين منين ويدن جي رچنا ڪئي هئي. 'ضيا' صاحب ويدن جي رچائن کي سوَليءَ سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪري عام ماڻهن تائين پهچايو. رگ ويد جي هڪ رچنا جو ترجمو آهي -

نرنڪار نرليپ آهين اَناد
اَجوني اَنوپي نہ ڪو اَنت آد
نہ سمجهي سگهي ٿو ڪي واد وواد
فقط تو کي سمجهي سگهي اَعتقاد
تون هر چيز ۾ ٿو سمايل رهين
ڳجهيءَ ريت سيني کي ٿو شڪتي ڏئين

'ضيا' صاحب نہ صرف ڌارمڪ پستڪن جا سنڌيءَ ۾ اَنواد ڪيا پر ڪيترن ئي سنڌ جي سنتن تي پنهنجا شعر لکيا. جن ۾ اُنهن لاءِ آڳاهہ پريم ۽ آستا جو اِظهار آهي، جيئن سنت ڪنور کي ياد ڪندي چويٿو :-

تنهنجي شڪل نمالي نٿي وسري
تنهنجي قرب ڪهاڻي نٿي وسري.

ڪجهہ سال اڳ دادا ٽي - ايل واسواڻي سنڌونگر ۾ شرنارٿين کي آٿت ۽ آشيرواد ڏيڻ لاءِ آيو هو. تڏهن ضيا اُنجو سواگت ڪندي ڪيس عرض ڪيو هو :-

هڪ دفعو سنڌونگر جا گهر گهمي دلدار ڏس
فاقہ هستين، بدنصيب کي هلي هڪوار ڏس
اُت اُٿي سادو سچا سرڪار کي سمجهاءِ تون
ساهوڪارن جو ڏجوڙيون آچي ڪولاءِ تون

مٿين شعر مان خبر ٿي پوي تہ ضيا جي دل ۾ غريبن ۽ بيوسن [illegible] پترو ئہ اونو هو. سنتن کان پنهنجي لاءِ ڪجهہ نہ گهري مِسڪينن

ڪبھ ڏي وينڊيس ڪاهي پينر سي لاپا لاهي پينر
هاڻ پنيور ۾ چاهي پينر - اڳتي پير وڌائيندس مان.

هنن مثالن مان ڏسجي ٿو تہ 'ضيا' صاحب کي پنهنجي سنڌ ۽ سنڌيت لاءِ گهڻو پيار هو پر هتي هند ۾ اچي هندستان کي بہ پنهنجو وطن سمجهي اوتروئي پيار ڏي ڪيائين. پنهنجي ديش پريم لاءِ ضيا چيو آهي-

دنيا سڄيءَ کان بهتر هندستان اسانجو
هندستان آهي فخر - جهان اسانجو

ضيا صاحب ڪيترن ئي سنڌي فلمن جا گيت بہ لکيا. جن ۾ اباڻا، اِنصاف ڪٿي آ؟ ۽ راءِ ڏياچ مشهور آهن. سنڌي فلم اباڻا ۾ لکيل ضيا صاحب جا گيت اُن وقت بيحد لوڪ پريہ ٿيا هئا.

جيئن ڪلياڻ ڪئمپ جي رستن جي حالت بيان ڪندو هي گيت -

هڪ ٻہ ٽي چار پنجون نمبر ڪئمپ
ڪڏون کوٻا واٽ تي بتي نڪا لئمپ.

- يا چولا ڊبل وڪڻڻ واري جو گيت :

دال چولا ڊبل تون کائي وٺ دل
بيھ ٻنالون ڇهرا چنٽي چشڪي واري
ٻن پئسن ۾ ڏيئو ڪرايان نيرڻ ٿو موچاري.

اُن وقت اِهي گانا سنڌين ۾ ايترا لوڪ پريہ ٿيا جو چولن وڪڻڻ وارن کان وٺي ڪاليج جي نوجوانن جا ترانا بڻجي پيا. سولي ۽ سرل ٻولي. ڪويتا ۾ آهڙي رواني ۽ مستي جو عام جي دلين ۾ پيهي وڃن.

پنهنجي سڀيتا، سنسڪرتي ۽ ڌارمڪ ڀاونائن کي عام ماڻهن تائين پهچائڻ لاءِ ضيا ڪيترن ئي ڌارمڪ پستڪن ۽ رگ ويد جي رچائن جو بہ سنڌيءَ ۾ تمام سولي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. سکمني صاحب ۽ شريمد ڀڳوت گيتا جو اُردو جي شاعر خواجا دل محمد دل اُردو ۾ ترجمو ڪيو هو. ضيا صاحب ساڳيا اُردوءَ وارا وزن ۽ ڪافيا ڪتب آڻي اُنهن جو سنڌيءَ ۾ ترجمو ڪيو. ضيا صاحب نائين محلي جي سلوڪن ۽ جپ

غزل

موهن اُداسي (جئپور)

١. سندم اکين ۾ ڪئميرا رکي گهمان ٿو.
عجب انوکا نظارا قيد ڪريان ٿو.

٢. خوش فهمي پاتي، آ جن اِنسانن پاڻ
خودي پٽو، ٿن جو جهٽ جهليان ٿو.

٣. سري راهه اَبلائن جو ٿو ست لٽجي
چتاءُ حفاظت ڪندڙن کي ڏيان ٿو.

٤. بيوس مظلومن جو ڏُک درد ڏسي،
مالڪ کان ورور مان، سگهه گُهران ٿو.

٥. سنڌي ماءُ سکي سنڌي زبان ٻڌڻ لاءِ -
دور ٿن جي ٻچڙن کي سنڌيت کان ڏسان ٿو.

٦. اِنصاف عدل جو گهنڊ ڪڏهن ته وڄندو-؟
آش اَهڙي دل اَندر پاڪ رکان ٿو.

٧. پنهنجائي ٿيا آهن، اَڄ سڀ ڪنڌا ٻاهڙا-
مان ته ''موهن'' ٿن لاءِ ڳُل پوکيان ٿو-

ڌرم بدلائڻ جو نتيجو؟

هر منش کي پنهنجن ئي ڪرمن ۽ سنسڪارن مطابق، ڪنهن خاص ڌرم ۾ جنم مليتو. پنهنجي ڌرم سان نباهڻ ۽ اُن ئي ڌرم ۾ شرير ڇڏڻ هر منش جو لازمي ڪرم آهي. ڌرم بدلائڻ هڪ ايشوري گناهه آهي. جيڪي ڌرمي دلالن جي دلبي ۾ ڦاسي ڌرم بدلائين ٿا، اُهي نه فقط جيون جو سچو سک وڃائين ٿا، بلڪ هو ڪرمن جا ڏوهاري بڻجي جَنمن جون مارون کائين ٿا ۽ خراب جوڻين جا چڪر کائين ٿا!

پائو هيمن اَمرت ويلا آشرم (ڪنڊلا)

جي ڀلائيءَ جي ڪامنا ٿو ڪري.

ضيا صاحب ڪيترائي ڊرامڪ گيت ۽ پرارٿنائون به لکيون، جن مان هڪ پرارٿنا ته سالن کان وٺي اسڪولن ۾ ڳائي ويندي آهي.

تون سڀني آهين سڀاجهو در آئم تنهنجو جهليو،
هاڪ تنهنجيءَ ڪي ٻڌي، مان دور کان آهيان هليو.
تون هئين جو ٺار آهين، ٺار وجهه منٺار تون
بي سبب دنيا جي حِرصن ۾ جگر آهي جهليو

ضيا صاحب جو ٻارن سان به بيحد پيار هو. هن ٻارن لاءِ به ڪيترا مزيدار ۽ سکيا ڏايڪ گيت لکيا آهن. ٻارن لاءِ لکيل ڪتاب 'باغ بهار' تي ڪيس ڀارت سرڪار طرفان اِنعام پڻ ڏنو ويو هو.

ضيا صاحب جون ڪيتريون ئي لنبيون ڪويتائون به لکيل آهن- جن مان ڪي گفتگو جي نموني يا ڪي خطن جي روپ ۾ لکيل آهن- جيئن ڏيءَ جو پيءُ ڏانهن خط، ساجن ۽ سڄڻيءَ جا خط - ٻيون ڊگهيون ڪويتائون آهن - شاه سان سپني ۾ ڳالهيون، رام جو بن وڃڻ - گوتم جو ويراڳ، گانڌيڌام جي ياترا، ملڪ مان اَڇڻ وارا خبر چار ٻڌاءِ. وغيره اَهڙي مهان آتما کي اسان جو وار وار نمسڪار آهي.

''قومي ٻولي''

اَنتر راشٽريه سطح تي اَنگريزي ٻولي، ساري دنيا مٿان حاوي ٿيڻجي ويئي آهي. دنيا جو ڪاروبار اَنگريزيءَ ۾ ٿو هلي. پر اِن جو اِهو مطلب نه آهي ته اَسين پنهنجو قومي ٻوليون وساري ڇڏيون! تازو چين جو پرڌان منتري هندوستان ۾ آيو هو. هو پاڻ چينائي ٻوليءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو؛ جنهنجو اَنواد هڪ اَنوادڪ اَنگريزيءَ ۾ ڪري رهيو هو. پر اَسانجو پرڌان منتري اَنگريزيءَ ۾ ڳالهائي رهيو هو. ڇو؟ اَسانجي لوڪ سڀا ۾ ڀاشڻ اَنگريزيءَ ۾ سڀني سياسي پارٽين جا نيتائون اَڌ هندي ته اَڌ پرانتڪ ٻولي ته اَڌ اَنگريزي؟!

دوارڪاداس سنتاڻي (سنڌونگر)

سچائي وٺڻ. تهڙي طرح گياني ۽ ڪوري، اَڪري پنڊت ۾ ايترو فرق آهي جيترو ڪاغذ تي ڇپيل سج ۽ اَصلي سج ۾ نه پلا ڪاغذ تي ڇپيل سج رات کي مٺائي ڏينهن ڪري سگهندو؟ اِنڪري سچو برهم گياني، اَستهه - ڪرڻ ۽ اِندرين جي شهنشاهه کي، ڳولهي لهو، نه ته پرمارٿ جي پچر اَصل نه ڪريو. بي - چنتا پيا پدارٿ پوڳيو. سادنن جون سختيون سهڻ ويرن جو ڪم آهي. اَوهين رڳو مت ۽ پنڊتن جي پوڄارين جا پيڙا ۽ سٽيا سيرا ڪائي پيا وات مٺو ڪريو ۽ آنڊو سٽيو ڪريو اَمرڪرڻ وارو اَمرت اُهو ڇيو ويندو جيڪو زهرپي سگهندو. نيل ڪنٺ سدا شِو اُهو ڇيو ويندو جيڪو زهر هضم ڪندو -

پريوارڪ بگڙيل ڍانچو

اَڄ ڪلهه گهر گهر ۾ آگ پيئي ٻري. مشڪل سان شايد ئي ڪنهن گهر ۾ سک شانتي نظر ايندي آهي. ڪٽ - پٽ، تڪرار، جهڳڙا ۽ پوءِ طلاق، روزمره جو رواج بڻجي پيو آهي. اَڄ ڏسو ته گرهست آشرم، جنهنجي رچنا خود ايشور ڪئي آهي، اُهو پيڙائن جو پهاڙ بڻجي پيو آهي. نه نارين ۾ سهن - شڪتي آهي، نه پُرشن ۾! بس، ذري ڳالهه تيَ هڪٻئي ۾ ٽڪرجندا ۽ پوءِ ويندا وڪيل وٽ طلاق - نامون تيار ڪرائڻ! پريوارڪ ڍانچو پوريءَ طرح بگڙجي ويو آهي. اَڪسر ڏسبو ته ڪنهن به گهر ۾ سک، شانتي ۽ سنتوش ڪونهي!

يانُو هيمن (اَمرت ويلا آشرم ڪنڊالا)

جنن وڻ ٻين جي لاءِ ڦل ڏين ٿا،
نديون ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ، جل آڻين ٿيون،
ڳانيون، مينهون ٻين جي ڀلائيءَ لاءِ، کير ڏين ٿيون،
تئن هر منش کي پنهنجي ديه،
ٻين جي شيوا لاءِ ڪتب آڻڻ گهرجي.

سنت چمن

گڏ ڪندڙ : سنڌو جهوڙالي (سنڌونگر)

ڪروڌ!

ڪِروڌ چئن نمونن جو ٿيندو آهي : هڪ لوهہ تي ليڪو، جيڪو تموگڻي پرش ڪندا آهن؛ جو جنم جنم جو ڏُک ڏيندو رهيٿو. ٻيو آهي پٿڙ تي ليڪو، اِهو رجوگڻي پرش ڪندا آهن. اِهو هن ئي جنم ۾ ڪجهہ وقت کان پوءِ مٽجي ويندو آهي؛ چوٿو پٿر جو ليڪو، پٿر جي گسي وڃڻ سان مٽجي ويندو آهي. ٽيون آهي ريتيءَ تي ليڪي سمان : جيڪو ستوگڻي پرش ڪندا آهن. جيئن هوا لڳڻ سان واريءَ تان ليڪو ڊهي ٿو وڃي تيئن اِهڙو ڪروڌ بہ جلد گم ٿي وڃيٿو. چوٿون آهي جل تي ليڪي، سَمان؛ جيڪو مهاپرش ڪندا آهن، جنهن ۾ راز ۽ ڪلياڻ سمايل هوندو آهي.

- آتم - سروپ جي ڄاڻ :

تون جو اُستتي ڪرڻ مهل چوين ٿو تہ گروُ برهما، گروُ وشنو گروُ مهاديو، گروُ ساکيات پرم پار بڙهم. پر پيارا تنهنجو گروُ بہ تو جهڙي ديهہ سان آهي. تو وانگر ڄائو هو. ۽ سرير بہ ڪنهن ڏينهن ڇُٽندو! هو برهم رڳو آتَم - سروپ جي ڄاڻَ ڪري ٿيو آهي ۽ آتم سروپ جي ڪري ئي برهم چيو ٿو وڃي. ديهہ ڪري برهم ڪونہ ٿو سڏيو وڃي. جي تون بہ آتم - سروپ کي ڄاڻين تہ تون پڻ برهم آهين. جيڪڏهن تنهنجي گروءَ توکي برهم نہ ٻڌايو تہ تولاءِ اُهو گروُ برهم تہ ڇا پر ساڌارڻ هتڪاري منش بہ نہ آهي. گروُءَ کي ڀلي برهم ڪري مڃ ۽ مڃڻ بہ گهرجي. پر پنهنجي ڀرم دور ڪرڻ لاءِ بہ تہ ڪجهہ ڪر! آتم پرشارت بنا ڪڏهن بہ ڪين پراپت ٿيندو.

- پستڪي گيان

پستڪي گيان آهي ڪنهن نقشي تي ڏنل شهر وانگر. پر ڊِڄُ اَنيوُ آهي شهر جي گلي گلي ڪري گهميل ۽ سڀ رستا

ٻاهرين مجلسن تي آهي ڇا؟ هيءَ تہ جنم جا رشتا ناتا آهن جيڪي سنجوڳہ سان جُڙن ٿا - اُنهن کي نِڀائي سگهبو پريم پريت ۽ سَٽ سان. جتي پريم آهي اُتي رشتو نڀائي سگهبو - اِنهي ڏيتي ليتي ۽ ڏيکاءَ ادِنمبر کي ايترو مهتو ڏيڻ نہ گهرجي! پريم پيار آهي تہ سادو ڪاڏو بہ پيو وڻندو. بنا آدر جي سوادي طعام بہ ڪونہ مٺا لڳندا.

اَوهان ڇوندا تہ جهوني زماني جون پيئي ڳالهيون ڪريان! پريم سدا نِت نئون، تازو توانو ۽ رشٽ پشٽ آهي -

”رحيمن ڌاڳا پريم ڪا مت توڙو چِٽڪاءِ،
ٽوٽي سي تو ناجڙي، جُڙي ڳانٺ سِرَ جاءِ.“

منهنجون پياريون ڀينرون! اچو تہ پاڻ ۾ ٻڌي ڪري ڏيتي ليتي ۽ ٻول ڪرڻ جي ريت ڇڏي پاڻ ۾ پريت ۽ پيار رکي رشتو جوڙيون. منهنجي سَسُ جي ڏيراڻي سدائين چوندي هئي (مونکي سَسُ ڪونہ هئي) تہ ”سيٽڻ جو ڏنو سانوڻ جو مينهن“ - جيڪي اَچي اکين تي رکجي پرَ گُهرجي ڪڏهن بہ نہ! ڏيءَ کان وانجهي ڪو مائٽ پاڻ وٽ ڪونہ رکندو! جيڪو نہ گهري تنهنجون سڪون پاڻ وِڏيڪ پوريون ٿينديون آهن - مون بہ اُنجي چوڻ جي اوٽ پڪڙي آهي - جيڪي ملندو آهي سو اکين تي رکان - ڀهرين نياڻيءَ کي ڏيان - پوءِ گهر ۾ ڪم آڻيان! ڏيتي ليتي اُها جا ڪل خوشيءَ سان هڪ ٻئي کي ڏجي ونجي - ٻنڌن نہ ٻڌجي - نڪو تناءَ جو ڪارڻ ٿئي -

”سدا جڳت کي ڏيندو رهہ تون،
ڏيئي ڏيئي خوش ٿيندو رهہ تون.
وٺڻ تہ ناهي تنهنجو ڪم
ڪلندو لڙندو رهہ هردم،
ڇاجي چنتا، ڇا جو غم.

پتو ؛ 13/B-3، ڇيٽي ٻهن سوسائٽي
موري روڊ مهيم ممبئي 400016

استري سنسار !

پارو ناڪر چاولا (ممبئي)

ويجهڙائي ۾ ڪيترا شاديءَ جا ڪارڊ آيا آهن. هڪ هڪ ڪارڊ ۾ چار ٻيا ڪارڊ تنهن ڪانسواءِ سوکڙي! مينديءَ جو ڪارڊ، لاڏن جو ڪارڊ، ماتا جي چونڪي يا ڀرائي جو ڪارڊ، ڪاڪٽيل پارٽي جو ڪارڊ!

خوشين جا موقعا آهن - ڀلي پاڻ به خوش ٿيو، ٻين کي به اُنهن ۾ شريڪ ڪيو؛ مونکي اعتراض ڪونهي. پر ايترن هنڌ ماڻهو پهچندو ڪيئن؟ آخر اَچڻ وارن جو به ته ٻريسن، ميڪ اَپ ۽ ٽئڪسين ۾ اچڻ وڃڻ ۾ خرچ ٿو ٿئي. ٻين جو سوچڻ ضروري آهي - سڀ ته هڪجهڙا شاهوڪار ڪونهن - ڪڏهن اَسان سوچيو آهي ته وچولي طبقي وارا ۽ غريبِ ڪيئن منهن ڏيندا؟ پوءِ ٻارن ۾ ريس ٿئي، مائٽن ۾ ريس ٿئي ۽ ڇوڪري وارا گهر ئي اُهي ڳولهين جتان وڏين هوٽلن ۾ پارٽيون ٿين - ڏاجو به ايترو ٿو نهي جو جڻ سڄي عمر اُهوئي پائينديون - فئشن پيا روز ڦرن - ڪپڙن جا، جويلريءَ جا، جوتن جا ۽ ٻين شين جا!

مان اَرهي ڪونه آهيان - هر ڪنهن کي خوشي ماڻڻ جو حق آهي. پر اِنسان سماجڪ پراڻي آهي - سماج ۾ رهي ٿو، اُٿي ٿو، وهي ٿو، گهمي ۽ ڦري ٿو - چوڌاري نظر ٻوڙائڻ ضروري آهي ته منهنجي هن ڪرتب جو اسانجي سنڌي سماج تي ڪهڙو اثر پوندو؟ سنڌ ۾ چاهي ورهاڱي کانپوءِ هند ۾ به ڏينهن ملهائبا هئا. هڪڙو لاڏن ۽ ڀرائي جو ڏينهن ۽ ٻيو شادي ۽ رسيپشن جو ڏينهن - ڏينهون پوءِ اِهو سڀ ڪجهه ڪيئن وڌندو ويو آهي؟ خبر ئي ڪانه پيئي آهي ۽ سڀ اُن وهڪري ۾ وهندا پيا وڃون - سڀ ضروري ٿو لڳي! مون ته پنهنجو اُصول ٺاهي ڇڏيو آهي - هڪڙي فنڪشن تي وڃڻو آهي؛ جتي پهچي سگهان! دعوت ڏيندڙن جو مانُ رکڻ به ضروري آهي پر اُن کان وڌيڪ مون کان ٿي نه سگهندو آهي.

ويچار ڪري ڏسون ته ايترو خرچ ۽ تڪليف ڪرڻ ضروري آهي ڇا؟ شاديءَ جي ڪاميابي يا ٻارن جي دکه سکه جو مدار ڇا

جي چمڪ هئي. نرملا هڪدم، رحيم کي رڪڙي ٻڌي چڏي - ”اَڄ کان تون ئي منهنجو ڀاءُ آهين. توکي ئي منهنجي رکشا ڪرڻي پوندي!“

”ديدي! مان تہ اَجا ننڍڙو آهيان -“ رحيم کلندي چيو، ”تون وڏي آهين - پاڻ توکي ئي منهنجي رکشا ڪرڻي پوندي.“

نرملا ۽ رحيم جي ٽهڪڙن سان ماحول ۾ پوتر - پاونا جي سڳنڌ پکڙجي ويئي!

هڪ ڏينهن بعد رحيم، پنهنجي هم ڪلاسين سان گڏ، اِسڪول وڃڻ لاءِ پل پار ڪري رهيو هو جو، هڪ شيطان ڇوڪري کيس ڌڪو ڏنو ۽ رحيم نديءَ ۾ ڪري پيو. تہ ٻين ڇوڪرن هوءِ هوءِ ۽ واڪا ڪرڻ شروع ڪيا - ”بچايو بچايو ... رحيم کي بچايو. هو نديءَ ۾ ٻڏي رهيو آهي. پر ڪنهن جي بہ رحيم کي بچائڻ لاءِ نديءَ ۾ ٽپي پوڻ جي همت ڪونہ ٿي. اُن وقت نرملا، بہ پنهنجي ساهڙين سان پُل تان لنگهي تہ ڪن تي آواز پيس. هن ڏٺو تہ رحيم غوطا کائي رهيو هو. کيس ترڻ ڪونہ ٿئي آيو. ڪنارو پري ڪونہ هو. نرملا هڪدم نديءَ ۾ ٽپو ڏنو ۽ گهڻي جفاڪشي ڪري رحيم کي ڪناري تائين گهلي آئي.

ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اِسڪول ڪونہ ويا ۽ رحيم کي اسپتال کڻي ويا. نرملا ڊاڪٽر کي چيو - ”هي رحيم آهي. منهنجو ننڍڙو ڀاءُ آهي. مان پريم نگر ۾ رهندي آهيان. رحيم جي بابا جو نالو مؤلانا محمد علي آهي. مان توهانکي اَئڊريس ٿي ڏيان - کيس اطلاح ڏئي گهرائي وٺو!“

رحيم جي پيٽ ۾ پاڻي ڀرجي ويو هو. ڊاڪٽر سندس پيٽ مان پاڻي ٻاهر ڪڍيو. رحيم جو بابو مؤلانا محمد علي بہ اِسپتال ۾ پهچي ويو. پنهنجي پُٽ رحيم کي نرملا بچايو هو اِهو ٻڌي هُن جي من مان مذهبي ڪٽرپڻو اُڏامي ويو ۽ نرملا کي ڀاڪر پائي شاباس ڏنائين.

هڪ ڏينهن باغ ۾ شاگرد ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون اک-ٻوٽ راند ڪري رهيا هئا. نرملا جي اکين تي پٽي ٻڌل هئي. هوءَ هتور اُڙيون هٿندي ٻين ٻارن کي پڪڙڻ جي ڪوشش ڪري رهي هئي. جو اوچتو

ٻال ساهت - ڪهاڻي

نئين روشني

- واشديو (سنڌو پارتي)

بزرگن جي چوڻي آهي تہ پاڙو اَبو-اَمڙ ٿيندو آهي. مٺن-مائٽن کان وڌيڪ پاڙيسري مددگار ثابت ٿيندا آهن. پر پريم-نگر ۾ رهندڙ سروانند شاستري ۽ مؤلانا محمد علي اِن چوڻي جي اُبتڙ ئي ڪم ڪري رهيا هئا. ٻنهي جا گهر هڪ ٻئي جي سامهون هئا. هو جڏهن بہ هڪ ٻئي جي سامهون اَچي ويندا هئا تہ هڪ ٻئي کان مُنهن ڦيري اَهڙي ريت هليا ويندا هئا جو سندن چهرن مان ڌرمي ۽ مذهبي ڪٽرپڻو لکي نہ سگهندو هو.

ٻئي طرف ٻنهي جي ٻارن ۾ پاڻ دوستي هئي. هو مائٽن کان لڪي لڪي پاڻ ۾ گڏجي راند-روُند ڪندا هئا. هڪ ڏينهن پير واري باغ ۾ شاستريءِ جي پندرهن ورهين جي نرملا اُٻاڻڪي ويٺي هئي تہ مؤلانا محمد عليءَ جو ڏهن ورهين جو پٽ رحيم آيو ۽ پنيان اَچي نرملا جون اکيون هٿن سان بند ڪيون تہ سندس هٿ آلا ٿي ويا ۽ هو وائڙو ٿي ويو ”ديدي ! ڇا تون روئي رهي آهين ؟“

”رحيم ! اَڄ ’رکشا ٻنڌن‘ جو ڏڻ آهي !“

”تہ ڇا، رکشا ٻنڌن ڏينهن ڇوڪريون روئنديون آهن ؟“

”نہ، رکشا ٻنڌن تي ڀينر، پنهنجي ڀائرن کي رکڙي ٻڌنديون آهن. پر مونکي تہ ڪو ڀاءُ ڪونهي ! اِن ڪري اَکين ۾ پاڻي ٿو اَچي. من بہ اُداس اُداس ٿئي پيو !“

”ديدي ! تون مونکي ئي پنهنجو ڀاءُ سمجهہ - اَڄ. مان مسلمان آهيان تہ ڇا ٿيو ؟“

نرملا جي اُداسي ڀَر ڪري اُڏامي وئي ۽ اکين ۾ عجيب خوشيءَ

آسن واسواڻي ”مجبور“ (آديپور) — غزل

شعر شاعر جي وڏي سوغات آ،
ڪي پسينو ٽا چون يا ذاتِ آ؛

● دِلِ سَدا مظلوم لئه ھُنَ جي جُهري،
بهتري ٿِنِ جي، سندس فِڪرات آ؛

● ڌرم - مذهب جي نہ جهيڙن ۾ پوي،
هيءَ خُدائي ساري پنهنجي ذات آ؛

● ڌرم جي ماڻهوءَ کي ٿو وحشي ڪري،
پوءِ، تہ بيهوُدي اِها جذبات آ،

● يار آهن هِنَ جڳت ۾ بي - عدد،
ٿِنِ جي محفل ۾ رهڻ جي تات آ؛

● روشنيءَ کان جئن اَنڌيرو ٿو ڀڄي،
چا، ڊنل ”مجبور“ کان ظُلمات آ؟

❖❖❖

سندر ڪلواڻي — غزل

سُڃي گهر ۾ اُهي نظر رکڻ وارا هجن !
ڪٿي مِلي تہ ڪٿي پريل جارا هجن !!
مالڪ بہ مهربان آهي اُنهن گهرن تي،
جنهن گهر ۾ بزرگن جا پير سوڀارا هجن !!
ننڊ بہ اُنهن بسترن تي ايندي ڪٿان يارو،
جنهن گهر ۾ سون چانديءَ جا انبارا هجن !
ٽلي پوندا پر نہ جهڪندا سچا سچڻ سنسار ۾،
جڏهن اهڙا ملڪ ۾ ضمير وارا هجن !
قيد پڪيءَ جو ڀروسو آهي چا ڪرڻو،
ڀڃرو ظلم جو کُلندي ئي اُڏڻ وارا هجن !
ڳڻ پاڇولو اُنجو هاڻي چا ’سندر‘ رهندو،
دوست جڏهن سات نہ ڏيڻ وارا هجن !

ئي هڪ نانگ ٻوٽي مان نڪري آيو. سيئي ٻار رڙيون ڪرڻ لڳا. نرملا جو پير پٽر ڪي وڃي لڳو تہ ڪري پيئي ۽ گوڏي مان رت وهڻ لڳس. باغ ۾ ماڻهو مڙي آيا پر نانگ جي ڦڻ ڏسي هرڪو پٺي پاسي پئي ٿيو. رحيم بہ ڊڄي ويو. ڇوڪرن مان هڪ بہ ڇوڪرا ڊوڙندا سروانند شاستري ۽ مؤلانا محمد عليءَ کي خبر ڏيڻ ويا. ايتري ۾ رحيم ڏٺو تہ هڪ مائي، جنهنجي مٿي تي رانديڪن جي ٽوڪري هئي. اُها ٽوڪري ڦٽي ڪري ڊپ کان پٺي ويئي ۽ رانديڪا هيڏانهن هوڏانهن ٽڙي پکڙجي ويا.

رحيم کي اوچتو خيال آيو تہ ڇو نہ ٽوڪريءَ سان نانگہ کي ڦاسائي بند ڪجي. اک ڇنڀ ۾ رحيم اِهو ڪم ڪيو. ٻين ڇوڪرن ۾ بہ همت اَچي ويئي هو وڏا-وڏا پٿر کڻي آيا ۽ ٽوڪريءَ مٿان رکيائون. ايتري ۾ سروانند شاستري ۽ مؤلانا محمد علي بہ پهچي ويا. مؤلانا جي دل مان تہ مذهبي ڪٽرپڻو اڳئي ئي غائب ٿي ويو هو. پر شاستري جڏهن ٻڌو تہ ننڍڙي ٻالڪ رحيم، نرملا جي جان بچائي آهي، تہ هن رحيم کي ڇڪي ڀاڪر ۾ ڀري ڇڏيو - ”شاباس پٽ شاباس.“ بعد ۾ شاستري مؤلانا کي بہ پنهنجي ڇاتيءَ سان جڪڙي ڇڏيو ۽ چيائين - ”مؤلانا ! آسان وڏن ۾ ايترو عقل ڪونهي. آسان پنهنجي پنهنجي ڌرم کي وڏو سمجهي هڪ ٻئي کان نفرت ڪريون ٿا. مگر هي ٻار پيار جا ٻڪيا آهن.“ مؤلانا بہ پنهنجو ڪن پڪڙي چيو - ”شاستري جي معاف ڪر... مؤلا رحيم ڪريم وٽ ڀيد ڪونهي.“

شاستري، مؤلانا ۽ ٻار، نرملا کي گهر کڻائي آيا. ملم-پٽي لاءِ ڊاڪٽر کيڻ گهرايو ويو. ڊاڪٽر نرملا کي اِنجيڪشن بہ لڳائي. نرملا، رحيم کي سڏي چيو - ”منهنجا ننڍڙا ڀاءُ ! ڏس مون توکي رکشا ٻڌڻ ڏينهن چيو هو نہ تہ ڀيڻ جي رکشا ڀاءُ کي ئي ڪرڻي آهي ! اَڄ تو منهنجي رکشا ڪئي !“

نرملا جا لفظ ٻڌنديئي شاستري ۽ مؤلانا جي اکين ۾ آنسون تري آيا. هڪ ٻئي کي چيائون، ”اِنسانيت ئي سڀ کان وڏو ڌرم آهي !“

رضا رب جي !

پرتاب (درازي)

ٿل: ڪر غريبيءَ ۾ گذران - ربُ جيئن راضي رهي
رهه مستيءَ ۾ مستان - ربُ جيئن راضي رهي

۱) نالي ني نا صحت ملي، سادگيءَ ۾ آنند ٿئي
اهو گيتا جو آ گيان - رب جيئن راضي رهي

۲) مايا مان جي سک چاهين - شڀ ڪرمن ۾ ڪر لائين،
اهو مالڪ جو فرمانُ - رب جيئن راضي رهي

۳) دوکين جي دوا ڪرين - دردبلن جي دعا وٺين،
ڊر ڏکيءَ جو هردم ڏيان - رب جيئن راضي رهي

۴) مانُ جنهين نا مايا جو - ڪوڙيءَ آ هن ڪايا جو
سو ايشور در اڳوان - رب جيئن راضي رهي

۵) ترڪ ڪري ڇڏ تمنا کي - ماري ڇڏ هيو ممتا کي
'پرتاب' نه ٿيءَ پريشان - رب جيئن راضي رهي

-غزل "باقي ڇا کپي"

ناري سچاننداڻي "ناچيز" (جوڌپور)

۱ - آرزو دل جي ملي ته باقي ڇا کپي.
گهرڻ سان سڀ ڪجهه ملي ته باقي ڇا کپي -

۲ - مان ته محتاج آهيان صرف پيار جو
چاهت سان محبت ملي ته باقي ڇا کپي -

۳ - بنا ڪوشش دنيا ۾ ڪجهه نٿو ملي
گهر ويٺي جي سڀ ڪجهه ملي ته باقي ڇا کپي -

۴ - ٿي وڏي عمر ترشنا به ٿي وڏي
واسنا دل جي مٽي ته باقي ڇا کپي -

۵ - زندگي گذري رهي آ دنيا جي ڪشمڪش ۾
دائما راحت ملي ته باقي ڇا کپي -

۶ - ڪجهه گذري ويو ناچيز باقي به گذري ويندو
[illegible] ۾ سڀ گذري وڃي ته باقي ڇا کپي.

غزل

شاعر ضيا

ڪمل پياسي، احمدآباد

پرسرام جي ناليٰ وارو شاعر ٿيو ناميارو،
ڪِڙيو رهيو آڪاس ۾ ٻٽجي چٽڪ وهائو تارو.

- هن جي شبد شبد ۾ هردم اُماسن جو چمڪو،
ان ڪري شبدِ پڌرو آهي، ’ضيا‘ جي تخلص وارو.

- جو بہ ڪَيائين ان ۾ پنهنجيءَ شخصيت کي پوتائين،
سندس انهيءَ هستيءَ جو آهي اَڄ پرڪاش نيارو.

- ڪيئين نظارا قدرت جا هن لفظن سان سينگاريا.
رس رَسيلي هن جي ٻولي، نظم گيت ناميارو.

- سندس نشيليٰ نيڻن ۾ ها خيال خماري من جا
دردن ۾ تڙڦي ٿي دل ڪيئن اُڌمن ٿي ٻاڪاريو.

- سوٽائي ٿيو، ڪڏهن ’سپاهي‘ عام جو هي هو تہ بہ شاعر،
سدا نماڻو، نورت وارو، هر ڪنهن لاءِ ٻاجهارو.

- دليون لُٽي هو هتان هليو ويو، ياد ڇڏي ويو شاعر،
تڏهن بہ هن جي هر غزل آ، هر ڪنهن کي ڪيڪاريو.

- هن جي ٻاوَ ٻني ٻوليءَ کي پنهنجو الڳ انداز هو
چنڊ ۽ تارن کي هن اکرن سان ٻچڪاريو.

- ڪويءَ ڪويتا جي ڪوملتا کي ڪائنات ۾ پرکيو،
ٿادر جي هن قدرت کي ٿي لفظن سان سينگاريو.

- محبوب مِٺي هن شاعر جڳ ۾ سڳنڌ ڇڏي آ ڪيڏي،
اڃان بہ ان مان اَچي ٿو عطر خوشبوءِ جو وسڪارو.

- هن کي ڪين ستايو دنيا جي رهنڊڻ ۽ گهاون،
ساعت ساعت شعر ٻٽيو هو ’پياسي‘ سندس مهارو.

صوفي درويش سچل سرمست

'پرسرام ضيا'

(۱)

درازن جو رتبو وڏائي هليو ويو،
زمين جنهن جي آظهر بڻائي هليو ويو،
محبت جا نغما ٻڌائي هليو ويو،
سچوُ ساز سڀ جا وڄائي هليو ويو،
درازن جي مٽي تي اڄ مان پائي،
سندس خاڪ هرڪو تو مستڪ سان لائي.

(۲)

نہ مذهب سان مطلب نہ دنيا سان مطلب،
نہ بت خاني سان يا ڪليسا سان مطلب،
مديني سان مطلب نہ متھرا سان مطلب،
نہ زمزم سان مطلب نہ گنگا سان مطلب،
نہ بستيءَ سان مطلب نہ صحرا سان مطلب،
رکيائين فقط عشق موليٰ سان مطلب.

(۳)

ڪٽي پاڻ کي زند ظاهر ڪيائين،
ڪٽي پاڻ کي پاڻ زاهد چيائين،
ڪٽي 'مان ئي مان' جا تي هوڪا ڏنائين،
ڪٽي 'تون ئي تون' جا تي نعرا هنيائين،
سچل ٿيو زماني ۾ سرمست جوڳي،
عجب جوڳہ جنهنجو زبردست جوڳي.

(۴)

اچو اڄ درويش جا گيت ڳايون،
سندس گيان پورن ٻڌون ۽ ٻڌايون،
'اَمولڪ وچن' تنهنجا دل سان هنڊايون،
رسالو پڙهي شال آنند پايون،
سچل جي هلون شال نقش-قدم تي،
ضيا ڀروسو ناهي دنيا ۾ دم تي.

(آلاپ ضيا تان کنيل)



REG. NO. MANSIN 00249/13/1/2001-TC APR-SEPTEMBER 2005



صوفي درويش : سچل سرمست

عشق جي اولاد کي پرڻام آ
نام جو جنهن وٽ خزانو جام آ (ضيا)

روحاني رهبر
صوفي درويش :
سچل سرمست صاحب جو
''راحت پريو ڪلام''

قل : سچ تا مڙد چئن - ڪنهن کي وٽي نہ وٽي،
ڪوڙيءَ دوستيءَ جو دم - ٻٽي نہ ٻٽي.

١ - سچ تہ پاڻ ڏٺيءَ پيدا ڪيو آهي -
انگہ آدم جو ٻئي ڪنهن جوڙيو ناهي.
سچ چيو منصور چڙهيو ڦاهي
اخر بار برهہ جو پيو ڪٽي نہ ڪٽي.

٢ - سچ تہ مربي محب مجيب چيو -
انا احمد ڪين عجيب چيو.
اسان خاص خاص نصيب چيو -
گٽي يار ويو پيو گٽي نہ گٽي.

٣ - نڪا عيب ثواب جي جاءِ آهي -
نڪا نينهن نواب جي راءِ آهي
اي تا عشق حسن هر جاءِ آهي -
چٽي يار ويو پيو چٽي نہ چٽي.

٤ - سچ تہ ''سچل'' سائينءَ جي آ ڳالهہ سچي -
مٿہ محبت وارا ڪندا ڪين ڪچي
رنگہ رمز انهيءَ ۾ ويو روحڙو رچي -
سڏڙا مالڪ سٽي پيو سٽي نہ سٽي.